
دیوان بلبل

# ديوان بلبل

(مرحوم رئيس شمس الدّين 'بلبل' جو ديوان)

مرتّب

غلام محمّد "گرامي"

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو - حيدرآباد سنڌ
١٩٨٢ع

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو ٻهريون | ١٩٦٩ع | تعداد ١٠٠٠ |
| ڇاپو ٽيون | ١٩٨٢ع | تعداد ٢٠٠٠ |

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
سنڌ يونيورسٽي، نيو ڪئمپس، ڄامشورو.

ٽپال جي ايڊريس:

جي. پي. او. پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد. سنڌ.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان ڪري ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر طرفان ۾ اکر | - ڊاڪٽر اسدالله شاھ حسيني | |
| مرتب جا ٻه لفظ | - از: غلام محمد ' گرامي ' | ۱-۴ |
| مقدمه | - از: رئيس ضياءالدين "ضيا"، ايس. بلبل مرحوم | ۵-۴۷ |
| قطعه تاريخ، وفات بلبل | - از: ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب صديقي مرحوم | ۴۸-۴۹ |
| تقريظ | - حاجي محمود "خادم" مرحوم | ۵۰-۵۵ |
| ديباچو | - رئيس شمس الدين " بلبل " | ۵۶-۶۰ |

## متن

| | |
|---|---|
| (الف کان ي - غزل تائين) | ۶۳-۱۲۹ |

## متفرقات

| | |
|---|---|
| مخمس بر غزل خواجه حافظ عليہ الرحمة (ﮨ) | ۱۲۳-۱۳۵ |
| مخمس بر غزل خسرو عليہ الرحمة (ﮨڪ) | ۱۳۵-۱۳۶ |

### تاريخي قطعا

| | |
|---|---|
| محمد ابراهيم 'خليل' ٺٽوي | ۱۳۷ |
| ميرزا احمد علي "احمد"، جهرڪ | ۱۳۷ |
| سيد حاجي غلام محمد شاھ "گدا" حسيني | ۱۳۸ |
| پير رفيع الدين سرهندي، مجددي، نقشبندي، شڪارپور | ۱۳۹ |
| مير ميان محمد شاھ حسيني لکنوي، عامري | ۱۴۰ |
| آخوند عبدالقادر "بيدل"، شڪارپور | ۱۴۱ |
| غلام مرتضيٰ شاھ "مرتضائي" ٺٽوي | ۱۴۲ |
| عبدالقادر "بيدل" شڪارپور (سنڌيءَ ۾) | ۱۴۳ |
| تمت بالخير - از: مرحوم "بلبل" | ۱۴۴ |

## شڪريو

مرتّب، ڊاڪٽر سيد اسداللهه شاهه ”بيخود“ حسيني، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ جو شڪرگذار آهي، جنهن جي علمي مشورن هن تاليف کي فني ۽ علمي معيار تي پهچايو آهي.

—غ. م. گ.

ڏسي دلبر منهنجي ديوان کي، گلشن ۾ چيو:
بس رکي هيءَ رهي، بلبل جي نشاني افسوس!
”بلبل“




رئیس شمس الدین "بلبل" مرحوم



مولانا غلام محمد رحہ سوڍر
(ڏاڏا سائين)



مرحوم رئیس ضیاءالدین "ضیا" ایس۔ بلبل



مولانا غلام محمد "گرامي"

پهو تہ 'ديوان بلبل' جي آخر ۾ آيل 'ڪريما نيچرل' کي، 'ڪلام بلبل' ۾ 'رحيما نيچرل' ۽ 'بلبل ڪريما'، ۽ ٻئي 'متفرقہ ڪلام' سان گڏ، جدا جلد ۾ آندو ويو آهي، باقي سارو مواد جيئن جو تيئن ڏنل آهي.

ناظرين ڪرام 'بلبل' جي عبارت جي رنگيني، ادا جي لمڪيني، خيال جي شيريني، طنز ۽ مزاح جي چاشني خود محسوس ڪري داد ڏيندا. لهذا، مرتب پنهنجي پيارن ڪنهن بہ طول طويل تشريح ۽ صنايع بدايع، اصطلاحات ۽ لوازمات شعري جي تفصيل کان احتراز ڪري، مرحوم 'بلبل' جي خود نوشتہ ديباچي ۽ سندس واجب‌التعظيم فرزند ارجمند مرحوم رئيس ضياءالدين ايس. 'بلبل' جي 'مقدمي' کي ڪافي سمجهيو آهي.

اميد تہ فن ۽ ڪلام جا ناقد، هن لذيذ ۽ شيرين ڪلام سان حظ ۽ سرور حاصل ڪندا، جنهن لاءِ مرحوم 'بلبل' پاڻ پيشنگوئي ڪندي چيو آهي تہ اسان وٽ 'بلبل' جي اها هڪ علمي نشاني آهي:

ڏسي دلبر منهنجي ديـوان کـي گلشن ۾ چيو،
بس، رکي هيءَ رهي، 'بلبل' جـي نشاني افسوس!

هن نسخي جي ترتيب ۽ صحت تي اطمينان جي اظهار جو ذڪر، مرحوم رئيس 'ضيا' صاحب پنهنجي مقدمي ۾ پڻ ڪيو آهي ۽ مرتب ڏانهن لکيل خطن ۾ بہ تائيد ۽ تحسين فرمائي اٿس.

رب ڪريم، شال هن علمي محنت کي قبول ڪري ۽ 'بلبل' ۽ 'ضيا' ٻنهي جي روح کي تسڪين بخشي.

غلام محمد 'گرامي'
حيدرآباد سنڌ.

ڪيس هلندي، مرحوم 'بلبل'، سنڌ جي خود هندو اخبارن مان اهڙا تہ حوالا ڳولي ڪورٽ ۾ پيش ڪيا، جن هندن جي ڪيس کي جهوري وڌو. فاضل جج، مسٽر اي. سنبڊس، ڪيس بيڊوهي ٺهرائي ڇڏي ڏنو ۽ اٿلندو فريادي ڌر تي فتويٰ ۾ چيائين تہ "هندن برابر خراب روش اختيار ڪئي هئي ۽ 'بلبل' جو ڪجهہ اظهار خيال ڪيو آهي، ان ۾ هو حق بجانب آهي، تہ سنڌ جا هندو بنگال جي فسادين لاءِ بہن ناهڻ لاءِ چندو ڪري رهيا آهن."

ان فتويٰ تي، حيدرآباد سنڌ ۾ وڏو جلوس نڪتو ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ قومي ڪارڪنن خوشي ڪئي ۽ جلسا ڪيا.

ان وقت کان پوءِ، هندو مهاسڀا جي ذهنيت وارا مخالف، شڪست کائي ويا ۽ 'بلبل' مرحوم ۽ سنڌ ۾ همڪار گروهہ جي سياسي بصيرت جو سڪو ڄمي ويو، ۽ حسن علي آفندي واري تعليمي تحريڪ زور ورتو.

مرحوم 'بلبل' هڪ طرف سر سيد احمد جي تعليمي تحريڪ کي پسند ڪيو: پر ان سان گڏ، اسلامي تعليم کي، سنڌ ۾ نيچري خيالات هٿ لتاڙڻ سان اختلاف ڪيو. ان سلسلي ۾ 'بلبل' مضمون لکيا ۽ پنهنجي شعر و شاعريءَ ۾ جديد فيشن ۽ نيچريت جا چوڏا لاٿا، ۽ اسلامي روايات، اسلامي وضع قطع کي محفوظ رکڻ تي زور ڏنو، ۽ ڪيئي ڪتاب لکيائين. پهرئين درجي کان انين جماعت تائين پورو ڪورس لکيائين. ان ڪم ۾ ساڻس شيخ صادق علي ۽ مرزا قليچ بيگ بہ متفق رهيا.

ان دؤر ۾، جيئن اڪبر الہ آباديءَ پنهنجي ظريفاڻہ انداز ۾ جديد تعليم تي تنقيد ڪئي ۽ ان کان پوءِ علامہ اقبال پڻ مغربي تهذيب کي ننديو، تيئن سنڌ ۾ مرحوم 'بلبل' اهو پارٽ ادا ڪيو، ۽ ان ماحول تي ظريفاڻہ انداز ۾ تنقيد ڪئي.

مرحوم 'بلبل' جي فن ۽ تنقيد جو ڪجهہ اندازو، سنڌ ۾ هيٺين شعر مان لڳائي سگهجي ٿو:

(۳) مرحوم 'بلبل'، مسلم قوم کي تهذيب ۽ اخلاق جي راھ تي هلڻ لاءِ وڏندڙ ۽ آپارندڙ انداز ۾ آمادہ ڪيو ۽ 'تصوف' جي بهترين ۽ عملي دستورالعمل تي هلي، تزڪيہ نفس لاءِ تيار ڪيو. ان سلسلي ۾ دليا جي فاني هجڻ، فقر و فاقي کي پسند ڪرڻ، عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهڻ، جدوجهد ۽ جهاد ۾ گذارڻ، ڪسر نفسيءَ ۽ فروتنيءَ سان پيش اچڻ، اتفاق ۽ اتحاد سان قومي شيرازہ بنديءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بهترين ڪلام چيائين.

(۴) مرحوم 'بلبل' پنهنجي فن، ادب، شعر ۽ نثر سان، مسلم قوم کي پنهنجي صحيح مقام کان آگاھ ڪيو ۽ کيس پنهنجي خيرالامت هجڻ جو احساس ڏياريو ۽ کيس 'من عرف نفسہ، فقد عرف ربہ' واري مقام کان واقف ڪيو، جيئن لطيف، روميءَ ۽ اقبال جي شاعريءَ جو مرڪزي خيال آهي "پاڻ سڃاڻ"، جنهن کي فلسفيانہ انداز ۾ "خودي" تو سڏجي، ان ڏانهن 'بلبل' پڻ سهڻي اسلوب سان دعوت ڏني آهي، جيئن اقبال چيو آهي:

وهي هے تيرے زمانے کا امام حاضر،
جو تجهے، غائب و موجود سے بيزار کرے.
دے کے احساس زيان، تيرا لهو گرما دے،
فقر کے سان، چڑھا کر، تجهے تلوار کرے.

'بلبل' جي فن ۾، نفي ۽ اثبات جي آميزش، ان شعر جي بصيرت تي دليل آهي.

(۵) مرحوم 'بلبل'، پنهنجي شاعريءَ ۾ خالص علمي ۽ ادبي، لساني ۽ فني پهلوءَ کي محفوظ رکيو ۽ سنڌي زبان نهايت سليس ۽ سلوڻي، دلڪش ۽ عام فهم ڪم آندائين. شعر جي رواني، شيرين بياني، وزن جي پختگي، بندش جي چستي، سنڌس فن جو ڪمال آهي. ان طرح نوان استعارا ۽ ڪنايا، لطائف، ظرائف، تمثيلون ۽ تشبيهون پيدا ڪري، ٻوليءَ کي رنگين ۽ لمڪين بنائي ڇڏيائين.

## قطع تاریخ ـ وفات بلبل

مشھور عالم ۽ شاعر، اکبر الھ‌آبادي‌ء جي شاگرد رشيد، جناب ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب صديقي مرحوم، 'بلبل' جي قطع تاريخ ۾ هن طرح پنھنجي جذبات جو اظهار ڪيو آهي:

چراغِ علم، شمس‌الدين بلبل،
سراجِ حلم، شمس‌الدين بلبل.
سخندان خوب، شمس‌الدين بلبل،
زبانِ مرغوب، شمس‌الدين بلبل.
اديب سندھ، شمس‌الدين بلبل،
نقيب سندھ، شمس‌الدين بلبل.
رفيق قوم، شمس‌الدين بلبل،
شفيق قوم، شمس‌الدين بلبل.
رئيس مهر (ميھڙ)، شمس‌الدين بلبل،
فصيح شهر، شمس‌الدين بلبل.
ڪمالِ شعر، شمس‌الدين بلبل،
جمال شعر، شمس‌الدين بلبل.
چنين معروف آن ممدوح من بود،
امير مجلسِ شعر و سخن بود.
محبّ ملک و قوم دين و ملت،
سراپا پيڪرِ لطف و شرافت.
ز روح شاعري، لبريز جامش،
نگاهش دوربين، پخته ڪلامش.
ظرافت بذله سنجي، خوش ڪلامي،
در اصناف سخن، في‌الجمله نامي.
بسال سيزده صد سي وهفتم (۱۳۳۷ ھ)،
به بست و هفت ذي‌الحج المکرّم.

به فردوسِ برین، آسوده جانش،
همیشه رحمتِ حق، بر روانش.

بگویند عاشق صادق نه میرد،
اگر میرد، حیاتِ نو بگیرد.

بماند یادگار از گلشنش گل،
ضیاءالدّین و شمس‌الدّین، بلبل.

ز "صدیقی" دعا این باثر باد،
مدام او زنده و پاینده تر باد.

ڪان جدا ٿي ويو، تڏهن ’پو‘ يان لفظ جي سندس وات ۾ ان لڪتا، سي هي هئا:

”هندن جا ٻجڪا ڏار ڪريو ۽ مسلمانن جا ٻجڪا ڏار ڪريو.“ شايد پاڪستان جي هيءَ پيشنگوئي هئي.

شاعريءَ جو هي موجوده هلندڙ دور، رئيس شمس الدين ’بلبل‘ ڪان شروع ٿيل سمجهڻ گهرجي. ان متعلق تفصيل سان هن ڪان اڳ مون گهڻو بحث ڪيو آهي. ان کي مطالعي ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ سنڌ جي اوائلي اصناف، بيت، ڏوهيڙي، ڪافيءَ ۽ وائيءَ ڪان وٺي، عروضي شاعريءَ تائين تبصرو ڪيل آهي — والسّلام.

”خادم“ لاڙڪاڻوي

٢٥- جنوري ١٩٥١ع لاڙڪاڻو.

گلشن مصنفن ۾ پيريا ۾ غلوڻ "الانسان مرکب من السهو والنسيان" سان پناھ ٿو وٺي.

جيڪڏھن ساري ديوان سان ڪو ھڪ ـ اڌ شعر به ڪنھن کي پسند اچي ته بوءِ ان جي صلي ۾ ساري خطا ۽ خامي معاف ڪرڻ فرمائي. قليل عرصي ۾ ايتري شعر چوڻ تي ۽ منھنجي ڪم مائگيءَ تي وزن آڻي، پورو بار عتاب خطاب جو رکن. بلڪ درگذر فرمائين، خار سَهو کي گلزار تصحيح سان مٽائين.

شمس الدين، 'بلبل'
ميھڙ (سنڌ)
٢٤- جمادي الاول سنہ ١٣٠٨ هجري
٦- جنوري ١٨٩١ع

# متن

## (دیوان بلبل)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سر سخن جي سونهن اول، پاڪ پرور جي ثنا،
خلق جـي رزّاق ۽ خـلاّق داور جي ثنا.
ٿيو ڪلام الهام، امر و نـَهي جو جنهن تي نزول،
واجب آهـي، تنـهـن سچي سالار سرور جي ثنا.
همدم و همراز، هردم، هم مصاحب، يار غار،
صدق دل سان چئو سدا، صديق اڪبر جي ثنا.
هو دلاور ديـن جو حضرت عـمـر ابـنِ خطاب،
زينتِ دل، زينتِ محراب و مـمـبـر جي ثنا.
ڪامل الايمان ۽ صاحب حـيـا، جـامـع قـرآن،
ڪر عجب عثمان، ذوالنّوريـن انـور جي ثنا.
جي ڪريمن سان مدامي، آب ڪوثر کي پيئن،
جـو ڪيِ، اسدالله غالب، شاهه حيدر جي ثنا.
مـالڪِ جنّيّت آ، سـيـده نـسـاءالـعـالـمـيـن،
رڪن ٿـي ايمان جـو، شبّـيـر، شـبّـر جي ثنا.
حـمـزه و عباس، اعليٰ مـرتـبـہ، افضل امير،
ڪر سندي ٻارهن امـامـن، سلڪِ گوهر جي ثنا.
پـوءِ سـنـدن اصـحـاب ۽ اولاد ۽ ازواج تـي،
تابعن ۽ تـبـع تـابـع هـوءِ هـر هـر جي ثنا.
عـالـمـن ۽ صـالـحـن ۽ مـومـنـن ۽ ڪاملن،
چـار مذهب جي امـامـن، ديـن گستر جي ثنا.
۽ طـريـقـہ معرفت جـي سلسلن چشتي سندي،
پـر تنهين ۾، نقشبندي خـضـر رهـبـر جي ثنا.

پاسبان اسلام جو سلطان اعظم شاه روم،
سنڌ ۾ ڪونسل تنهين جي خانبهادر جي ثنا.
متجمع احباب وارن دوستن سپني سميت،
۽ "معاون جي معاون چاپ دفتر جي ثنا.
يار ۽ غمخوار، واقفڪار، سپ سنڌ و پنجاب،
خيوش اقرب، صله رحمي، هر برادر جي ثنا.
تو وطن "ميهڙ" سندو، وه وه جو دل کي وڻي،
هر در و ديوار رونق، باغ بازر جي ثنا.
هيءَ ثناخواني نه ٿيندي، هونءَ ته هرگز دلپسند،
جي ڪندين تون ڪين "بلبل"، دوست دلبر جي ثنا.

منجهه شان، لبن لعل، بدخشان چوان ڇا،
مرجان ڪان مرجان ٿي، بيجان چوان ڇا.

ياقوت کي جو قوت، جگر خون ٿيو هردم،
پاپوش تي چسپان جي ٿئي پان چوان ڇا.

بشسر جي سراسر تي جو گوهر ۾ ڳهر آهه،
درد ان ۾ دُرِ دانشهِ دندان چوان ڇا.

جهومڪ سندي جهالر ۾ جو جوهر بہ جواهر،
تنهن ڪن کي انهيءَ ڪان جو دڪان چوان ڇا.

جو چاه ڪري، چند تہ زندوني ٿئي بند،
ان چاه زنخدان کي زندان چوان ڇا.

اقرار ۾ انڪار جو بيڪار ڪري ڪو،
احسان فراموش کي انسان چوان ڇا.

حاسدَ کي ٿئي ساڙ، جو هن فهمِ سخن ۾،
غلطي ۾ ٿئي غلطان تہ شيطان چوان ڇا.

مضمون جو ميمونؔ نہ انصاف ڪري صاف،
معنيٰ جو نہ ٿئي مان، تہ ارمان چوان ڇا.

’بلبل‘ جي غزلخواني ۾، غلغل جي شغل ڪان،
نارَس ٿئي نادان، سخندان چوان ڇا.

تڪيندي ٿڪي پيام، تارَن ۾ تارا،
ڏيو وَر پون ٿا، سي پارَن ۾ پارا.

ائين هوت هاريان ٿو هنجون هجر ۾،
وهن ٿا ڦڙا، جئن نيسارن ۾ سارا.

ڳوليندي اوهان جي ڳلي آئي هٿ ۾،
پٽلي پيا ويا سڀ، ويچارن ۾ چارا.

ٿي هڪ ڪاري ڪاڪل، ۽ ٻي شام ِ فرقت،
ڪيا ان ۾ دل ياد وارن ۾ وارا.

ڪڙي بند زلفن جي اهڙو زبون ڪيو،
لڳي تارَ ۾ تارَ، ڳارن ۾ ڳارا.

ائين تون سچو سائين، سهڻن جي وچ ۾،
ٿو سونهين جيئن تاجدارن ۾ دارا.

محبت ۾ جيڪي وَڏيا، سي نہ موريا،
ڪري برهہ، ’بلبل‘ بيمارن ۾ مارا.

جمالت جو بيان ظاهر، ذرا جانان ڪيو چو ٿا،
ائين ٿي، پاڻ کي مٺو ميان منهن سان ڪيو چو ٿا.

رخ ِ انور، هزارن کي، ڪيو حيران حيرت ۾،
تنهين کي ڀول سان ڀيهر وري حيران ڪيو چو ٿا.

جي وس پڄي ڪو منهنجو، ڪيان وات ساڻ وارا،
دردا ڪہ راز پنهان، خواهد شد آشڪارا.

وڪڻي هي مِلڪ ساري، ڪيان ترت مان تياري،
باشد ڪہ باز بينم، آن يار آشنارا.

ڏاڙهيءَ ۾ هٿ جٿين جو، پادر پريتّن جا سِرَ تي،
گر تو نمي پسندي، تغيير ڪُن قضارا.

سانجهيءَ صبوح چاڙهج، پري پنگ جو پيالو،
تا بر تو عرضه دارد، احوال مُلڪ دارا.

ڪِنِ ۾ تني جون ڳالهيون، ڳارين چون دل کي،
دلبر ڪہ در ڪفِ او، موم است سنگ خارا.

ميلي ۾ تون وڃين جي، مجرا ڏسين تنين جا،
در رقص حال آرد، پيران پارسا را.

پنڪو ڳچيءَ ۾ پاتل، جي کيھليو ڏسين تون،
اي شيخ پاڪدامن، معذور دار مارا.

قلقل صراحي مان ٿي، "بلبل" ٻڌو هي غلغل،
هات الصبوح هيّوا يا ايّها السّڪارا.

سراپا جو امثال آهي عجب،
عجيبن جو احوال آهي عجب.

ڏنو زلف جو پيچ، رخسار تي،
اهو جيم ۾ دال آهي عجب.

پرون 'بي' سندي باسم، بيني الف،
طرح، نقطہ ۽ خال آهي عجب.
دهن 'ميم'، داناءَ دلبر سندو،
جو قرئت قرأت ۾ هي قال آهي عجب.
ستي ياد نالو سراسر سندس،
فقرن سندو فال آهي عجب.
ٽيو اسم اعظم، سندس پنج انگشت،
عزيزو هي اشکال آهي عجب.
ڪرڻ لاءِ پرواز، پريتَن طرَف،
هي 'بلبل' پر و بال آهي عجب.

ڏسان ٿو خواب ۾ چاٽي ٿو هڪ رب،
ڪہ آمد ناگهان، دلدارم امشب.
صفائي ميرَ کي ڏني، پتلون پاتم،
بحمدالله نيڪو کردارم امشب.
ڪلب اندر وڃي ڪاني تي ويٺس،
ڪہ سرپوش از طبق بردارم امشب.
چيم دل ۾ تہ ٿيندس عيسوي اڄ،
چو منصور ارڪني، بردارم امشب.
چيو، هڪ ميم مون کي، مٺي ڊئر سرّا!
رسيده طالعِ بيدارم امشب.
ولايت ڏي وڃي ٿيان گل تي 'بلبل'،
ازين سودا ڪہ در سر دارم امشب.

گھرجي شائق کي هڪ پيالو شراب،
الصبوح الصبوح يا احباب.

هڪ پري چهره پڻ هجي همدم،
المدام المدام يا احباب.

ڪٿي هٿ آبرو ۽ مال اتان،
پس بنوشيد دائما مئي ناب.

جي حياتيءَ کي تون حلال ڪرين،
مئي نوشين بخور، بہ بانگ رباب.

آئي اڌ رات جو ڪُٽي تي چئو،
افتح يا مفتح الابواب.

حيف تن کي هجي جو سانجهيءَ سان،
ڪہ بہ بندند ميڪده بہ شتاب.

خوب بيهوش بڻج اي ’بلبل،
فاتقوالله، يا اولي الباب.

ڪنهن فڪل سان تون وڃي هڪوار ڦٻ،
تني ڦٽيءَ جان وار ۾ اي يار ڦٻ.

ڏس تہ هو ساغر صراحي ٿا وڄن،
مئي سندي محفل ۾ نئي ميخوار ڦٻ.

چونہ خدمت خوبروءَ جي تو ڪرين،
ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ڪار ۾ بيڪار ڦٻ.

يار کي اڄ عطر جو آ انتظار،
تون ڪٿي بغچو بڻي عطار ڦٻ.

من رقيبن ۾ بہ کو رخنو پوي،
رات جو چوريءَ، گهمي چوڪار ڦب.

ڇڪو ولين پيو، بوءِ، بالائي بهار،
هاڻ 'بلبل' گل اندر ٿي خار ڦب.

عسرت ٿي رسي عشق کان، ايذا ۾ رهي اپ،
سو طرح سخندان جا طعنا ٿو سهي اپ.

چاندوڪي جو سنسو نہ ڪر اي يار چمن ۾،
جي نيڻ ڪٽي توڏي تہ اکڙين ۾ لهي اپ.

مٺہ رخ مٿي موتين جي نہ جهالرڪي سنوارج،
نارنج ۾، ان ريس جي، ٿي رت نہ وهي اپ.

محبوب، لڪي سوگهو ٿي سمهجانءَ مبادا،
پاسي ۾ ڏسي، پنهنجي پيو پٺہ نہ پٿهي اپ.

گردش ۾ اچي، ڦيرو نہ ڏئي، ابتو هي گردون،
بيراهہ، انهيءَ ٿاهہ ۾، مون سان نہ ٿهي اپ.

هن باد بهاري جو آه انجام خزان تي،
'بلبل' نہ سهي گل سان، پيو ڪنڊين ۾ کهي اپ.

سترِ سون تي سجهن تو ڏس ڪيو سپ،
مڙئي، سر تان لنگهي منهنجي ويو سپ.

اجا يي جي هجڻي کو دل ۾ ارمان،
اهي ي ڏک اچي مون کي ڏيو سپ.

وئي جي جان منهنجي، فڪر چا جو،
اوهان جو ڪم تہ بس پورو ٿيو سپ.

سهان تو کین تنهنجي کین، هکڙي،
ستم سر تي سڀُم، تنهنجو، پيو سڀ.

رقيبن روبرو آئي ڏنو سم،
پريئ مون کي چيو: پيالو پيو سڀ.

سڏائي گلرخن، عشاق کي چيو،
جي 'بلبل' ٿيو ته هيئن سيک ۾ جيو سڀ.

---

اٿي پهر مون کي توهان جي آ تات،
ڏکن جو لنگهيو ڏينهن، رنجور رات.

اول بيوفا تون ٿئين بر غلط،
ننڍي ۽ وڏي کي اها وائي وات.

پلي چا پيو گذري، وهي واپري،
کڏي کير ويهي،کو توسان کهات.

وهامي سگهو رات وئي وصل جي،
ملا کي لڳي، حي" عالي الصلوات.

هٿي کير توسان مٺو مفت ۾،
پڌين کين ٻوڙا تون "بلبل" جي بات.

---

ادا هن ره روان ۾، دم غنيمت،
عمر جي کاروان ۾، دم غنيمت.

ڏهاڙن چشن جو هي چهچٽو آهه،
دنيا جي ننهن ۽ هان ۾، دم غنيمت.

پکي ماڙي نه جي توکي ميسر،
کڇي، کنڌي، مکان ۾، دم غنيمت.

اگر حاصل نہ ٿيو حلوو ۽ پوري،
تہ چانج، خشک نانُ ئي، دم غنيمت.
سواريءَ لاءِ جي فيل و شتر ناهہ،
پيادي پا، روانُ ئي، دم غنيمت.
کٿي مشهور جي نالو نہ ٿيندو،
تہ بهتر، بي نشان ئي، دم غنيمت.
کري وٺ بوستاني گل جي "بلبل"،
اٿئي باغِ جهانُ ئي، دم غنيمت.

جانِ جان، پنهنجو يار آهي ڪٿ ِ،
مهربان، پنهنجو يار آهي ڪٿ ِ.
ڪٿ پلا، دور، دل موافق ٿئي،
آسمان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.
جو آڏائين ٿو محل ۽ ماڙيون،
هي جهانُ پنهنجو يار آهي ڪٿ.
مون تہ توکي چيو هو، هي محبوب،
اي ميان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.
جتي هردم ٿي گذ گذاريوسون،
سو مڪان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.
شوق ٿئي شعر جي چوڻ جو ڪيئن،
قدردان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.
گهرُ بنائيج نہ باغ ۾ "بلبل"،
باغبان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.

یدِ بیضا، سچن جو آهي هٿ،
شال مون تان نہ هوت لاهي هٿ.

جو سخن ۾ رکي نہ دست رَسي،
سو سهپرين جو ڪيئن سراهي هٿ.

هو ڪري ڪيئن هي ماهيت معلوم،
جنهن جو هن هاجَ ۾ نہ آهي هٿ.

روز، باغِ جنان جو گل ٿي چنو،
ڏس، حبيبن جو ڇا نہ چاهي هٿ.

آسمان پيي، اچي زمين تي پوي،
سوز وارو جي هوند ساهي هٿ.

محتسب جي تہ ميڪدي ۾ اڄ،
مستُ، پڳڙي هٿي تو ڊاهي هٿ.

ڪوئي "بلبل" سان گل وفا نہ ڪري،
ائين منهنجو ڏنو آ، ڏاهي هٿ.

دل وڃي تون عرض ڪر، دهلين متان دلدار وٽ،
ڇو نہ حق تنهنجو ٿئي ٿو، جاءِ پهلودار وٽ.

نوڪ ابروءَ جي نوائي، دل کي سٽيو سيندڙ وٽ،
ڏس تہ سودائي ٿئي ٿو، قتل ڪيئن بازار وٽ.

ڪٿي بتَڇي، ما بي چنَئي دلڙي، ڏکن جي ڏنگَ ڪان،
جنهن ڪيو مسڪن مدامي، پنهنجو آهي مارَ وٽ.

ڇا پڇين ٿو حال اي آزاد، سِڪ وارن جو سِر،
لٽڪندو ڏسندين ڪڏهن، يا تار وٽ، يا دار وٽ.

ڪٿي پلا سيماب جهڙي دل وٺي يڪجا قرار،
اڄ چڙي وٺي چين ڏي، ڪلهه رهي تاتار وٽ.

ڏِس تہ توکي دل چوان ٿو، پٿج نظر جي تيرڪان،
جان ڏئين تان ترت ٿيندءِ، نَنڍُر جان، خونخوار وٽ.

اي صبا، قاصد صبح جا، ڪر الله ڪارڻ هي ڪم،
وڃ ڪنيون، صلواة جو هديو، سچي سردار وٽ.

واٽ تي ويندي، گلستان ۾ اگر ڳڌجيئي گل،
چئينس، رهندين ڪيترو هن بوءِ، خانہ خار وٽ.

هجر ۾ آيا هزارين ٿي عيادت لاءِ دوست،
تون پڇين پي ڪين آئين "بلبل" بيمار وٽ.

دل لڳي لاءِ، دل ڪري جهٽ پٽ،
سہ رخن تي وڃي مَري جهٽ پٽ.

حسن اکيان هي دل، پتاشو ڏس،
جيئن پاڻيءَ ۾ ٿو ڳري جهٽ پٽ.

جي ڪيان ٿو سوال بوسي جو،
هٽ هٽي ٿو وڃي، ڀري جهٽ پٽ.

يارَ جا نين، فير باڪس جهڙ،
باهہ تيليءَ ۾ جئن ٻري جهٽ پٽ.

ڪٿي ناصح ادا مان صبر ڪريان،
ڏک لڳو، سو نٿو ٽري جهٽ پٽ.

جي تون حيلا ڪئي هزار ڪرين،
ڪٿي لڪيو نالري، پڙي جهٽ پٽ.

صحبتِ بد سندو آثَر بَد ٽَئي،
ڪير ڏُڏَ جي ٻئي، ڪري جهٽ پٽ.
وَرُ ڏئي ٿي گلاب جي گل تي،
اچي "بلبل" ذري جهٽ پٽ.

ڪري ٿو ڪونہ ڪنهن ڪي ياد پرپٽ،
هجي، پر هانو ٻيي همزاد، پرپٽ.

جڏهن ڪنهن ملڪ مان ماڻهو لڏي ٿو،
تہ ڇا آباد، نا آباد، پرپٽ.

سنواري زلف، دل جي دام ڪارڻ،
وڏي آ ڇَوُڻ، اڄ صياد پرپٽ.

رقيبن جي ڇني ڇو منهن مٽي ٿو،
ٻڌي ٿو ڪونہ هيڻن فرياد پرپٽ.

وڪالت، عَقد لئي، هي آشڪ، ڪافي
ٿئي ايجاب جو ايجاد، پرپٽ.

فقط تون نامہ بر، نالو ٻڌائج،
ڏسان ڇا ٿو ٿئي، ارشاد، پرپٽ.

سندءِ قامت جي "بلبل" ڪان ٻُڌي قال،
رهي سڪ ۾ ٿو سَرُو آزاد، پرپٽ.

وئيءَ شيءِ جو ارمان، آهي عبث،
حياتيءَ جو سامان، آهي عبث.

جيئڻ ناهہ جيتوڻيڪ، جڳ ۾ گهڻو،
هي گوندر جو گذران، آهي عبث.

کيو آدَ، پرَن، هڪ اشاري سان، پيو،
ڪُٺيءَ کي هٿڻ ڪانُ، آهي عبث.

ڪَرن اشڪ اظهار ٿا رازَ کي،
هي طفلن جو طوفان، آهي عبث.

دونالي دو چشمن ۾، بينيءَ جي مٿڪ،
نظر لاءِ نيشان، آهي عبث.

اچائي ٿو لالي لَبن جي پرين،
چپن ۾ چپڻ پان، آهي عبث.

عبادت ڪرڻ آهه افضل مگر،
بنا عشق، انسان، آهي عبث.

ٻُڌي داستان، منهنجو، دلبر چيو،
ديواني جو ديوان، آهي عبث.

جهانَ جي گلن کي نه "بلبل" ڏي دل،
عبث باغ، بستان، آهي عبث.

خطوط برگِ سمن، ياسمين، چا باعث،
رهي ٿي، شوخ کي چين، برجبين، چا باعث.

چڙي ٿو زلف کي چوڙي، او منهن مٿي محبوب،
وجهي ٿو باهه ۾ ورق عنبرين، چا باعث.

سوال بوسهٴ لب تي، کلي دندانِ يار،
چيو ته پي نه، اي شيرانگبين، چا باعث.

ٻڌم ته ڪالهه انهيءَ خوبرو جي خال مٿان،
وڪيو ٿي، زاهد، ايمان و دين، چا باعث.

رکھو نہ اهل زمين کي آهہ راهہ پيمائي،
رهي ٿو، چرخ ۾ چرخ ٻرين، ڇا باعث.
اهو تہ 'بلبل' کي باغبان ڏسج تعبير،
رهي ٿو، خار سان، گل همنشين، ڇا باعث.

زلف، جو سيني سڄڻ تي آهہ سپ،
کونہ ٿئي ٿو، ان سان تنهن کي ڏاڍ ڏپ.
ڇو لڙي پيو آهہ پستانن مٿان،
کير جي چشمي تي تنهن کوڙيو آ ڇپ.
ڏک سندي، صحرا نوردن تي، اي ڏينهن،
تپ گهڻو، فرقت جو آ پيو کين تپ.
گرچہ تون مرهم موافق ٿو رکين،
پر سڄڻ، منهنجو ٺري ٿو کين ٺپ.
گرد، گردش سان نہ گذجي ماهہ کي،
شمع رو تي آهہ کاٺوئن جو کپ.
چشم جو باشو چمن ۾ حسن جي،
دل جي 'بلبل' کي کٽي ويو ڏيٺي جهپ.

ٻري ٿي، آگ اندر ۾ اچي نہ ٻاهر ٻاڦ،
اچي نہ ميٺ ٻريان منجهان ٿي ٻاهر ٻاڦ.
فلڪ تون پاڻ سنڀالج، متان ٿئين پرزا،
اچا تہ هاڻ اٿي ٿي، اَللهَ تو آهر ٻاڦ.
ٻرهہ جي ٻاهہ جا ڀپکا کري ٿي، سيني ۾،
جلي وڃي هي بدن، جي کري نہ واهر ٻاڦ.

ڪري ٿي، گرمهي گردون تي هيءَ جو لاف و گزاف،
بٺي نہ سا تپش دل جگر جي ماهر ٻاڦ.
بنايو ٿي جي فسون سازَ، مار فرعوني،
سڙيو سو مار سحر، آئي جڻ ٿي ساحر ٻاڦ.
اٿاري ٻاهہ کي "بلبل" ٿو شعر جو شعلو،
ڪڍي جي، شور و شرر جي سخن سان شاعر ٻاڦ.

ڪوڏَ سيو يارو مون کي، دل بردہ دلبر جو علاج،
اي ادا آهي بہ ڪو هن مرضَ مضطر جو علاج.

زلف جي ڏنگ جو وڇي، جڻ حال جو کيءَ سان ڪير،
تنهن چيو، ٿيندو اسان کان ڪين اژدر جو علاج.

اڄ ڏسي اک جي اشاري سان عجيبن هئن چيو،
مَتر ڏسون ڪھڙو ملان ٿو چاٽي منظر جو علاج.

سڀ طبيبن ٿي چيو، ٿيندو نہ ڪڏهن ڪارگر،
طب، ارسطو جو نہ لقمان جو نہ اڪبر جو علاج.

ٿا چون، جرّاح، هڪڙي زخم ابروءَ کان سواءِ،
ٿا ڪيون سڀ، تيغ، خنجر، تير، تبر جو علاج.

بوسہ لب ۽ گزندِ ڏند جو هي ڏسُ مليو،
ڪونہ ٿئي هيري وڍيل ۽ لعل احمر جو علاج.

دل کسي جا گلبدن، سا ڪٿ وري موٽي ملي،
هاڻ پانئج صبر "بلبل"، پھرين نمبر جو علاج.

غافل وڃي ولايت، لنڊن ليڊيءَ ساڻ لائيج،
سو قرب سان ڪرستان، وڃي جرچ ۾ چوائيج.

سيڪ ناچ، راڳ تن جو، پڻ بينڊ باجو بلڪل،
پو خوب بڻجي بابو، پيو بينڊ بد بجائيج.

پهراڻ، پائجامو، پٽڪو، ونيت، بوچڻ،
ڏئي ڇڏ تنين ڪي، ٽوپي، پتلون، ڪوٽ پائيج.

ممبر ميونسپل ٿي، ڏي خوب مُڇ کي موڙو،
مخلوق کي رنجائي، ميٽنگ ڪي ڇمائيج.

پنهنجا عزيز، اقرب بيڪالا چاڻ احمق،
سرمست سرخرو ٿي "صاحب" سدا سڏائيج.

مجلس ۾ تنهنجي ڪارو ماڻهو نہ مور گهرجي،
ڏئي ڊاهہ "ڊير فل" جو تنهن کي درئون تڙائيج.

تڪبير ۾ وڃي ٿي، مرغ ۽ تتر جي لذّت،
گردن مروڙي، تن جي، پيو جوش ۾ جلائيج.

ماڻهو هي واهٽي سڀ ٿا جانور جان؟ ڪائن،
چمچا، ڇريون ۽ ڪانٽا، ٽيبل مٿي رکائيج.

سنڌي نفر ۽ نوڪر، سڀ چور ۽ چريا هِن،
بٽڙيل ۽ ببرچي، لنڊن منجهان منگائيج.

ملان توڻي برهمڻ، بيهودگي بڪن پيا،
وعظن ۾ ڪين تن جي، پيو مغز کي کپائيج.

بي. اي. جو شوق، 'بلبل' رک رات ڏينهن دل ۾،
پيا خيال خوف خطرا، عقبيٰ سندا ڀلائيج.

ئينهن جو نياپو، صبا آندو کٿي ناياب اڄ،
منجهه بهارِ حسن آهي، برهه کوليو باب اڄ.

زلف ان جي کان جو آئي، زهر آلودي نسيم،
ناگهان ٿي نيشزن، پيو دل ۾ پيچ و تاب اڄ.

لعل لب کان، نرخ، شب جي لعل جو کسجي چڪو،
مي سٽي اراهه سرخيءَ جي ٿيا خوناب اڄ.

يوسفِ ڪنعان جو، يارو حُسن ٿيو جلوه نما،
خيال ۾ ڪنهن خو و جي جو ڏٺم، خوش خواب اڄ.

ڪر خدا! خير، طرحِ غير تي ٿي اڪبرِ ٿري،
چشم سان چورائيندو ڪو، عقل جو اسباب اڄ.

دام ۾ ڪنهن گل قا جي ٿيو گرفتاريءَ جو شوق،
ترڪ ڪيو، 'بلبل' تڏهن پيخوف، دانهِ و آب اڄ.

حوصلو دل جو ٿي ويو، هار ڪجهه، سينگار ڪجهه،
ناز ڪجهه، غمز ڪجهه، رفتار ڪجهه، گفتار ڪجهه.

وصل جي پيغام تي محبوب، ورنديءَ ۾ چيو،
ٿي مذبذب، بين ۾، اقرار ڪجهه، انڪار ڪجهه.

جانِ جانان کان، پنهنجي سوال جو گهريم جواب،
... ڪيائين، چار ڪجهه، ناچار ڪجهه.

چا هي ان ۾، آهه، معشوقن جو معمولي عمل،
عاشقن کان عار ڪجهه، بيزار ڪجهه ۽ پيار ڪجهه.

پيو نشان کهڙا اسان ۾، ڪفر جو ڏسندين ادا،
خالُ خط خسار ڪجهه ۽ زلف جو زنار ڪجهه.

آھ فتنني کي سمھاريو، در سندس اھنيو رکي،
خواب جي خمار کجھ ۽ اڄ اکين بيدار کجھ.

ھمدم و ھم باش، 'بلبل' سان رھي ھر وقت تو،
عشق جو آزار کجھ ۽ درد دل افگار کجھ.

واٽ وحدت جي، غير واري پيچ،
بلڪ ديھي دُنيءَ جي ساري پيچ.

پاڻ ڇانئج تہ، پاڻ 'تون' آھين،
ھن ڪچھارت جي ڳالھ ڳاري پيَچ.

نفس اماره سان نہ رک الفت،
اھڙي سرڪش جي سرباري پيَچ.

مُنھن تي مڙوءِ پو، ڳلا جو گھرُ،
تنھن دُوُروئي جي يار، ياري پيَچ.

رکي شانہ، تون شوق جي شب جو،
زلف جي پيچ، پيچداري پيَچ.

رک، دَمَ ۾ عدَمَ، نفيءَ جو تون،
ڪري اثبات، 'لا' جي لاري پيَچ.

روز وحدت جي باغ مان 'بلبل'،
سر بہ زانو ٿي سبز ناري پيَچ.

ياد وارن ڏي تہ يڪدل يار اچ،
درد دوريءَ ساڙيو، دلدار اچ.

من گھريا محبوب، ماھي، سون سڄڻ،
ماھرو منھنجا مٺا منٺار اچ.

وٺي سَحَرَ تنهنجي سڄڻ سڪ سوز ۾،
هئن ڪان ٿو ساهہ جا سينگار اڄ.
هجر ۾ ٿيون هارجن، هنجون هزار،
هوت، هيڪر، هيج مان هڪوار اڄ.
هرگهڙي، هرڪر، اوهان جي ٿي هُري،
تون هلي هاڻي، هنئين جا هار اڄ.
نينهن ۾ تنهنجي نسورا، نازنين،
نيرَ جا نيشين وهن ٿا، نارَ اڄ.
برهہ ۾ 'بلبل' رهي ٿو بيقرار،
بيوسيءَ بيحد رکيا هِن بارَ اڄ.

اسان جي انتظاريءَ جو الله لڳ آ، نظر ڪان پڇ،
شرارِ شوق جا شعلا، اچي اک جي شرر ڪان پڇ.

اوهان جي هجر ۾ جانان، ٿيو هت حال آ هيٺو،
ڪيان ڇا ڳالهہ پنهنجي، پاڻ تون ساري شهر ڪان پڇ.

جگر جو لخت ٿي ڪاڏم، ۽ دل جو خون ٿي پيتم،
گواهي تان اچي، ڪاهي، ڪا دل ڪان پڇ، جگر ڪان پڇ.

پڇين ٿو غير ڪان ڇا يار، منهنجي غم سندي حالت،
وهائي آهہ جا مون تي، اها منهنجي اندر ڪان پڇ.

رکي تحرير تي توکي جي آهي تندخو ڪو شڪ،
زباني ڀي ذرو احوال، پنهنجي نامہ بر ڪان پڇ.

رقيبن روڪ ڪئي اهڙي، جو در بيٺي جيائون ٿي،
اندر آ ڪين، ٻاهر بيهہ، پڇو ٿي تہ در ڪان پڇ.

رهن گلرخ سندي رخسار تي ڪيئن عرق جا قطرا،
اهو احوال 'بلبل' زار، گل جي برگِ تر ڪان پڇ.

آءُ ہرین، ہرت جو پیار قدح،
پُر ڪري، اچ تہ ڏاڍو ڏيار قدح.

جامِ جانب جو طور، غور ڏسي،
ٿو ڪري، اچ فلڪ، نثار، قدح.

خوب مستن جي خوشدلي ٿو ڪري،
خوبرو جي ھٹان، خمار، قدح.

رند مشرب، خطاب سان خضري،
ٿو رکي، دست ۾، تيار، قدح.

بخدا، باخدا ٿئي مشينوش،
جو پئي ان کان پنج بار، قدح.

بزم ۾ بيدلن جي ڪين ٿئي،
چشم ميگون جو برقرار، قدح.

پياس وارن کي ہرت جي، ساقي،
ايترو ڏي نہ انتظار، قدح.

گردش روزگار کان ڇا غم،
ٿو ڪري، پنھنجو ڪاروبار، قدح.

داغ لالہ جو، باغ ٿئي ”بلبل“
جو ڏئي گلعذار يار، قدح.

تن زيب، توھان جي تي ڏلي، چست قبا سرخ،
گل چاڪ گريبان ٿو رھي، غم ۾ سدا سرخ.

گلرخ جي اگر سرخ سواريءَ جو سحر ۾،
گلشن مان گذر ٿئي تہ رھي ساري صبا سرخ.

هن پنجۀ جانان مٿي، پامال ڏسي رنگ،
ٿيو پنجۀ مرجان؟ سندو، انگشت نما سرخ .
فندق جي ڏسي فن کي ٿيو، فکر هي غالب،
ڪنهن دل جي رتا رت مان ٿيا، ساڻ حنا سرخ .
مصنوعي وَلي رنگ نہ ٿئي مثل نکي متُ،
تنهن لعل لبن ساڻ ڪيو جن کي قضا، سرخ .
گل سرخ جو پردو جي پوي زلف تي هردم،
ان عڪس کان هر روز ٿين، صبح و مَسا سرخ .
لب لعل، شڪر مال، کان بوسي جي عوضَ ۾،
ڪئي عاشقِ فرهاد بہ شيرين غذا، سرخ .
محبوب جي مذهب ۾ ٿيا فرض رکيا چار،
لب سرخ، زبان سرخ، سرِ دست، دوپا سرخ .
”بلبل“ جي جنازي جي وصيت هي ڪئي گل،
ڪٿ سرخ، عطر سرخ، ڪفن سرخ، ردا سرخ .

اک قمري آهي يار جي آمد،
تي نيڪته ۾ نگار جي آمد.
بوءِ قاصد، صبا مان ٿي معلوم،
يار، مشڪِ تتار جي آمد.
بي طرح تو ڏسي، اٿس ٿيٺي،
چشمِ خون ۾ خمار جي آمد.
سروِ ساجن، جي نونهال آتي،
آهي شد مد، اثار جي آمد.

دل ۾ اڄ ولولو آئي ٿو وري،
آهي، غم جي غبار جي آمد.

سن جي هستَ تي ٿئي نہ جي هلچل،
هوند، ڪهڙي بزار جي آمد.

ٿي خوشيءَ ۾ غزل سرائي ڪر،
آئي 'بلبل' بهار جي آمد.

چنڊ ڪار ڏني وار، سج ٺ سر تي ستي اڌ،
مهتاب سندي سنهن جو آبر، زلف لٽي اڌ.

هن مسئلي پيچيده ڪيو پيچ اندر پيچ،
دل اڌ تي ٿئي، چوٽي جو وَر ڏئي ٿو وٽي اڌ.

محبوب سندو، ناز بہ اعجاز سراسر،
ابروءَ جي اشاري سان، قمر دل جو ڪٽي اڌ.

هن تير نگهہ ڪان جو سندم نيم رهي جان،
بوسي جي بها سان ڪو پلي، جان جو ستي اڌ.

هن خوبرو جو خواب ۾ ڪئي نيم نگاهي،
جادوءَ جي جبر سان ويو، دل جو جهٽي اڌ.

اڄ باغبان، مضمون سندي آه و فغان تي،
'بلبل' ڪي ڏنو، بابِ گلستان جو پٽي اڌ.

الف جي ماڙي اندر ۾ پنهنجي آڏِ،
پنج طبقا، پڙ ڪري، پوءِ لوءِ لڏِ.

تون نفي اثبات ڪي اثبات ڪر،
"لا" جي "لا" سان، "لا" سندي سڀ لات چڏِ.

منهن رکي سوني آتي، موجود ٿي،
ساھ کي سوکھو کري، ساجن کي سڏ.

دم تنهين ٿي، دم کنان بيدم ادا،
ماسوا الله وارا سڀ محلات مڏ.

بي وجوديءَ سان حاصل ٿئي شهود،
هن هئڻ سان کين گڏجي هوت، هڏ.

هن جهان فانيءَ جي ”بلبل“ باغ ۾،
دل دنيا جي گلرخن سان کيم گڏ.

هن چست، فسون ساز سان کنهن جو نه چلي منڊ،
جو چشم جي جادوءَ سان جادوءَ جدو جهلي سڊ.

هن وار سندي سار کي لکن وار کٿي مار،
گوگي جي گروءَ جو نه هنومان جو هلي منڊ.

هي نانگ نه کنهن ڏانگ جي ڏهکارکان ڏرندو،
افعي، نکو اژدر سندي جوکيءَ جو جهلي منڊ.

سو تال، جي جيهال کري، دشت و جبل ۾،
هن مار کي سو وار نه مرليءَ جو سلي منڊ.

جنهن ريت، هنر جيت، سان هي زلف ٿئي زير،
سو سامري ساحر ٿو صحي کين سلي منڊ.

شب تار، گلِ شمع چيو، تار کي ڏسندي،
ڏس کئن تو هنيون، ”بلبل“ بي پر، هي بلي منڊ.

ڪجي نہ پست پين سان، اي يار پيارا ڏاڍ،
ڪِ سمجھہ سرنديءَ وارا، هلن نہ سارا ڏاڍ.

تون سچ چئين ٿو، ڪنهن کي نٿو ستائين، پر
سجن ٿا، زلف مسلسل سندا، اشارا ڏاڍ.

جواب ڏس تہ مٺو چاهہ، منهنجي رشڪ ڪليم،
اهو تہ: ”نيٺ ڪندا سائين ناز وارا ڏاڍ.“

هي ڇا مجال، سچو جڻ چوي: ”ائين ناهي!“
ڏيکاري ڏينهن ڏٺي جو ٿو ترت، تارا ڏاڍ.

هجي جي هڪڙو ڪو ڏاڍو تہ آن کي منهن بہ ڏجي،
هي ڪن ٿا زلف، زبر، نيڻ جا نظارا، ڏاڍ.

سري ٿي ڪينڪي ساعت، جنين جي جانب ري،
سهن ٿا سيئي، ڏسي ور، وري ويچارا ڏاڍ.

ڪرين ٿو ڪلڪل، بيهودو، غصو، ”بلبل“ سان،
ڪ ڍچ خدا ڪان، اي خوشرو نہ ڪر خدارا، ڏاڍ.

لب شير شڪر، قند تہ تنهنجو دهن لذيذ،
هن باغِ سراپاءِ ۾ تہ سيبِ ذَقن لذيذ.

ڇا ڇا نہ چوان، شير و شڪر، ماکي ڪِ مصري،
مطلب تہ مٺو آهين، ۽ سارو بدن لذيذ.

آهي نہ مٺو خاص فقط جسم سندءِ، پر
رفتار ۽ گفتار سندو، فڪر و فن لذيذ.

شيرين سندي شوق ۾ ٿي ڪوهہ پيو ”ڪنند“،
پٿر کي بہ سمجهيو ٿي، جنهين ڪوهہ ڪن لذيذ.

ٿو غم کي غذا ڄاڻان ۽ ڏک درد دوا پڻ،
عاشق کي محبّت ۾ آهي هر محن لذيذ.
جڻن چڻن ٿي لبِ يار تي مضمون کي سوچيم،
ٿئن تئن ٿي برآمد ٿيو هي حسنِ ظن لذيذ
گلرخ جي بنا ڪين وڻي باغ ٿو "بلبل"،
جنهن ۾ نہ هجي گل سو لڳي، ڪين چمن لذيذ.

زلف تنهنجي جي آڙي آ، دل ۾ ساري راتِ، تار،
ان تصوّر ۾ ڪٽيندي وئي، تہ ڪئن ٿئي رام، مار.
سون گهٽوئي، عشق کي منّ جي اندر مخفي ڪيو،
پر روئي اکڙيون ٿيي ڪن ٿيون، عام ظاهر راز، زار.
سچ ٻچين منهنجي تہ مرضي آهي، دائمي گڏ رهون،
هاڻي اڪتي جڻن ٿئي ازروءِ مصلح، راءِ، يار.
نقد موڙي مال ودل جي سڀ تلخ تاراج ڪر،
اي چريا اڳ ۾ تہ تارج تن ۾ پنهنجي راس، سار.
هن محبّت، جانبازيءَ، جنگ جوُ، ميدان ۾،
قتل ٿي ڪيئي ڪري ويا، رڻ ۾ پنهنجا راو، وار.
هي ٿئين جي ٿول پاسي ٿيا تہ پنهنجا ڪيسَرِ چاڻ،
رک تَريءَ تلوار هردم، مرد، پنهنجي، ران، نار.
عشق گل گل بي بقا کان شوق، "بلبل" بند ڪير،
لعل وگوهر، دم غنيمت جاڻ نہ تون هين راهءَ ـ هار.

تنهنجي لباس لال کان گلنار نار، نار.
۽ زلف مشڪ بوءِ سان، مشڪ تتارَ، تار.
جنهن وقت، جوڙ توڙ سان، گلشن ۾ توگهمين،
تڏ رشڪ ساڻ ٿو رئي، گلزار، زار، زار.

منجهہ ياد سَروقد، هتي هر ويل ٿي وَهي،
هڪ نهر نيڻ نيڻ مان، خونبار، بار، بار.
ڪو ڏينهن ياد ڪر تہ سندءِ هس وفا شعار،
هاڻي ڪيا سڄڻ، ڪئين اغيار، يار، يار.
سو ڇو هجي نہ فَند ۽ ڦَندن کان فڪرمند،
جنهن جي ٿيو ٿي، مہ روئي مڪار ساڻ ڪار.
سيني ۾ خار خار نہ ڇا کان خلش ڪري،
بادم رهي ٿو، هين گُلِ بي خار ساڻ خار.
پيغامِ غير، صحتِ بي يار ڏئي صَبا،
هن طرح تي تون 'بلبلِ' بيمار کي نہ مار.

'وَنگي' دل وئين منهنجي ولِ ساڻ وَر،
ڇنان هوت، 'ڇاهون' نہ تو لئي ڇپر.
سوا تو نہ 'گدڙن' ۽ بگهڙن جا هلَ،
ڏکي هاڻ ڏونگر، 'ميٺي' ڪيم ڏر.
پنهل لئي اٿي 'پاءِ لَڪ' ۾ ليا،
'ڪري لاڙ' لوڪن ڪنان ٿيلهہ ٿر.
ستيرن، مين، ڪين ڪٺڪيو ڪڏهن،
ڏئو ننڍ، 'ڇوڪو' بہ آبل آبر.
اديون، 'ري پڙائيءَ' نہ رب جي رسان،
جبل ۾ وهائن اکيون جام، جر.
پنهون ڇام تنهنجو نہ شل غم ڏسان،
جو 'توريءَ' ڪو منهنجو نہ واهر نہ ور.
توٽي منهنجي ڏيرن ۾ ها وير وَڍَ،
نہ تن کان پيم ڪو 'ڪدو' رت ڪتر.
نہ 'بلبل' تون رکب، باغ، چوڙا، اگهہ،
خزان باد رنگي ڪو آئي نہ بر.

سوال هي جو ڪيم تہ سائين ۽ سونهين،
تـو دلـربـا ڪـي گـڙ بـڙ.
جـواب جـلـدي ڏنـو هـي جانان،
نـہ گهرجي پڻ تو گدا کي گڙ بڙ.

لـکيم تي اڄ رات، هي عـريضـي،
دو پشت مضمون هو طـول پيچي،
رهي تي دل ساڻ منهنجي هـردم،
توهان جي زلفِ دوتا کي گڙ بڙ.

هو گـوڙ گلشن ۾ اڄ تہ اهـڙو،
جو غنچہ غنچہ جـو بند دَم هو،
جو تنگ ِ گرميءَ کان گلبدن تي،
ڪيو تي بـنـدِ قـبـا کي گڙ بڙ.

گـذر ڪيو آهـي ڪالهہ شـايـد،
سحر جـو محبوب جي مڪان تان،
انـهـين بـڌو تـم تـہ ڏينهن سـارو،
هئي گلن سان صـبـا کي گڙ بڙ.

سـڌائـي هڪ ڏينهن، سَرِ و آزاد،
سـون کي اهـڙي ڏنـي نصيحت،
نـهـال نـازانِ حـسـن و خـوبـي،
تـي چا لـڳي بيـنـوا کي گڙ بڙ.

ڪيو هـزارن کـي شـاهِ ڪونين،
آهـنـجـي قـامـت، بـغـيـرِ سـايـہ،
انهين نـي مـعـدوم تـي رهـڻ کان،
وَڌيَ آ سايـہِ هـمـا کي گڙ بڙ.

وسيلي تانيث مان جو ابليس،
خلد گهر مان تڙايو آدم،
سبب، اهي حرڪتون ٿـي چئجن،
رهي ٿي هت پڻ هوا کي گڙ ٻڙ.

جو اهل معنيٰ، مزاج منصف،
سو منهنجي مضمون کي مڃيندو،
جو آهه حاسد، اصل کان ”بلبل“،
هجي تنهين کـي ادا کي گڙ ٻڙ.

زلف، ابرو، خال خط، جاتي هجن هي چار چيز،
قيد، قتل ۽ دام قاسي، تا سکن هي چار چيز.

حسن حضرت شاه اگيان، منجهه پلڪ انسان کان،
دين، ايمان، عقل، دل، وهلو وڃن هي چار چيز.

عشق جا جنهن جي جٺي تي، تا لڳن تنبو تڏهن،
صبر، شرم ۽ عيش، عزّت، ڪوچ ڪن، هي چار چيز.

زود رنجي ۽ تڪبّر، بيوفائي ۽ رُسڻ،
دائما، دلدار وٽ، حاضر رهن، هي چار چيز.

ٻرهه جي بازار ۾ جيڪو اچي سودو وٺڻ،
درد، زحمت، ياس، حسرت، تا ميلن، هي چار چيز.

بيقراري، دل فگاري، انتظاري، اضطراب،
مونس ۽ همراز سي، هر وقت هين، هي چار چيز.

هجر ۾ دلدار جي آهي رهڻ، اهڙيءَ طرح،
آب، نان ۽ خواب، راحت، تا پڇن، هي چار چيز.

دين وايمان، تندّرستي، آبرو، ”بلبل“ کي رَبّ،
کر عطا ان کي وسيلي پنجتن، هي چار چيز.

گردشِ گردون کان تیس، ناکام بس،
تون فقط، جاني پیارج جام بس.

مرغِ دل جي لاءِ، نو صیاد کي،
خال، داڻا، زلف آهن، دام بس.

آهہ کافي عاشقن جي قتل لئي،
ابروئي تنهنجي صنم صمصام بس.

آهي خالي خشک مغزن کي مفید،
چشم تنهنجي، روغنِ بادام بس.

هو تپ هجران، اکيئي سورَ ساڻ،
اڄ تہ سودا مان ٿيو سرسام بس.

سرو کي چئو لاهي پنهنجو لاڏ، جو
هاڻي تنهنجو مثل ٿيو آ عام بس.

واءُ جي شاید وئي موسم ڦري،
جو پرين جو آهہ ٿيو پيغام بس.

چو هٿو دم، عندليبو عشق جو،
برهہ ۾ 'بلبل' ٿيو بدنام بس.

جان آخر وئي آيو نہ هو جاني افسوس،
دل سندو دل ۾ رهيو، راز نهاني افسوس.

صبرِ ايوب کيم، گريہء يعقوب کيم،
نہ مليو، پر نہ مليو يوسف، ثاني افسوس.

مشک زلفين جون وکاڻيون ٿي اکي ٿي رَتيون،
کئي وري گول گره ان ۾ گراني افسوس.

جڏهن تصوير ۾ نڪتو نہ بريزاد جو ناز،
اٿي بيوس چيو بهزاد تہ ماني افسوس.

چو انهيءَ خيال ۾ تون خونِ جگر پيو ڪائين،
ڪير تنهنجي هي ڪندو، قدرِ معاني افسوس.

ڏسي دلبر، منهنجي ديوان ڪي گلشن ۾ چيو:
بس رکي، هيءَ رهي، 'بلبل' جي نشاني افسوس.

سودي سرور سرمد جي راس آهي ناس،
ڪل عقل ۽ قياس جي اجناس آهي ناس.

آ رشڪ درج در جي دهلي سندي دهن،
هڪ دم سو لعل، زمرد و الماس آهہ ناس.

مسهل ٿئي ٿي مغز جي، خمسہ حواس حل،
نزلہ نزول خارجِ خناس آهہ ناس.

چهڙي تنهين جي چاڙهي ٿي، عرشِ عظيم تي،
دافع بلاءِ، نافعِ وسواس آهہ ناس.

عقدہ ڪشا، حقائقِ اسرار غيب جي،
عبرت نما عجائب منجهہ ناس آهہ ناس.

قدسي صفت جو قبلو، رستو آ ذات جو،
منزل مراد، پاس ۽ انفاس آهہ ناس.

سمجهي سخن ڪي منهنجي تو سالڪ فصيح ڪو،
'بلبل' بلاغتن جي صحي پاس آهہ ناس.

سوني بهار آئي، چمن لالہ زار ڏس،
هن باغِ دل جي داغ کي اڄ نوبهار ڏس.

بوئي نسيم زلفِ سيه، مشڪبار کان،
سرسبز، سمن، سنبل و تر، تابدار ڏس.

بيدار ۽ نزار، اکين جي اميد ۾،
هن چشمِ انتظار جئن، نرگس کي يار ڏس.

ڪيو هجر ۾ اوهان جي، اي گلرو ۽ گلبدن،
گلزار بي خزان کي خزان خار ڏس.

محروم سايہ، قامتِ مجنون، مثل مدام،
تنهنجي جدائي کان هي سروَ جوئبار ڏس.

مستن کي عشق ۾ نٿو يڪجا رهي قرار،
جامِ مئي کان گردشِ، در روزگار ڏس.

اي برق سوز خرمنِ صبر و قرارِ دل
اڪ اشڪبار مان هي، گهُرَ آبدار ڏس.

انصاف شرط آهہ، عدالت ۾ عشق جي،
پنهنجي جفا ۽ منهنجي وفا، بار بار ڏس.

خاطو ۽ ناظرينِ شعراء ۾ شور پيو،
آئي چمن ۾ 'بلبل'، هو بيقرار ڏس.

روز مون کي، تنهن يگاني يار جي آهي ڪشش،
دل اندر، دلدار جي ديدار جي آهي ڪشش.

دانشہ تسبيح مان مطلب نہ منهنجو ٿيو تمام،
زاهد اڄ، زلف جي زنار جي آهي ڪشش.

هَس، گهٽائي ڏينهن، مسجد ۾ مصلّي اي ملان،
ابروئي محراب جي خمدار جي آهي ڪشش.

تا رهن، محبوب جي مصحف اندر پارا پڙهيو،
ورد ۽ اوراد ان اذڪار جي آهي ڪشش.

ڪالهه ميخاني ۾ رندن جي، ٿئي گروي رهيا،
مولويءَ جي جبه و دستار جي آهي ڪشش.

چونه دشمن ٿئي دورنگو مات ۽ مغلوب سو،
حب مون کي حيدر ڪرّار جي آهي ڪشش.

تپ" هجران ۾ وري اڄ 'بلبل' بيمار کي،
سَرو ساجن مان ثمر، آثار جي آهي ڪشش.

شه حسن مهه زنگيءَ و شهزور پس و پيش،
تا دل کي هڻن ڌاڙو ته شب چور پس و پيش.

محبوب کان مخفي نه رهي، عشق جو احوال،
جلاّ ۾ برابر آ ٿيو بلّور، پس و پيش.

ٿو سنگدلن مان جو رهي، شيشهه خاطر،
سو نيست پتجي پوندو، ٿي پور، پس و پيش.

سڀ داغِ جگر، مثل ڏيئن جي رهيا روشن،
لڳندي سا ڪڏهن آتش، بي طور، پس و پيش.

تون ميک نه مٺا سائين، ستمر جي اها عادت،
ڪنهن ڏينهن ڪندو جهيڙو اهو جور، پس و پيش.

'بلبل' ٿو لڪائين، ائين بازن کان پکيءَ دل،
هڪڙو نه ڇيو نيندئي، خونخور، پس و پيش.

چو یار کیو مون کي تو یکبار فراموش،
منهنجي ته نه ٿئي، دل کان ٿو، زنهار فراموش.

ريءَ عشق سندءِ، کفر نہ اسلام ٿو ڄاڻان،
تسبيح فراموش تہ زنار فراموش.

جنهن آهہ وساريو مون کي پرديس ۾ پريتن،
کو يار ٿئي کنهن کان نہ هيئن يار فراموش.

کجهہ ياد رهيو توکي نہ اي يار، هجر ۾،
انکار فراموش نہ اقرار فراموش.

ڄاتم تہ کندين تون دلِ بيمار جو ارمان،
پر تو نہ کيو زار هي بيمار فراموش.

"بلبل" تہ کيو کين کڏهن باغ ۾ گل گل،
گلزار فراموش نہ آزهار فراموش.

رکن ٿا کين کنهين ساڻ، سيمبر اخلاص،
جي ٻاڻ سيم بدن، تن جو سيم و زر اخلاص.

هي چند روز جو چنگو، ٿيو ٿيو نہ ٿيو،
غرض جي ياري فقط، فتنہ و شر، اخلاص.

نہ لهو و لعب جي بازيءَ ۾، مرد ٿئي مشغول،
رکي جو طفل هجي، راند ۾ نظر، اخلاص.

ڏسو تہ دور جهان جي دلين کي کيئن ميٽيو،
نہ پاءُ پاءُ نہ ٻيءَ کي سندو پسر، اخلاص.

هزار حسن انهيءَ هک حسين جي آڏو هيچ!
رهي ٿو شمس بہ شيدا، رکي قمر، اخلاص.

سيپني ماڻهو مڙن ٿا تہ بت پرست آهيان،
اٿين صحي ئي هجي، شل اهو اندر، اخلاص.

سوال شام و سحر هي سندوم تابہ لحد،
الاهي گل سان جي "بلبل" ڪري بر، اخلاص.

واعظا مون کي نہ ڪو ٿي، دين و ايمان سان غرض،
مصحفِ روشن ڏسان پيو، چاهي قرآن سان غرض.

پيا نکي دوزخ سندي درجات جا دڙڪا ڏيو،
ٿـم طلب طبقات جنّت جي نہ غلمان سان غرض.

چو مزوريءَ ۾ مرين پيو، اي ميال مهجورِ حق،
رک نہ اجرت جي پيائي، اجر و عصيان سان غرض.

گرچہ ظاهر غير شرعي بات، ظاهر ٿي ٿئي،
سمجھہ ۾ سالڪ ولن پيو، ناھہ نادان سان غرض.

نوڪ ابروءَ چي ڪيو آ، نيم بسمل پر اچان،
ڪم تمامي لاءِ آهي، تير مژگان سان غرض.

قطره قطره اشڪ بنهنجو، رشڪِ گوهر تو ٿئي،
صدق دل منهنجي کي ناهي، ابر نيسان سان غرض.

قال جو تون قال ڇڏ، پر حال جو تون حال ڪر،
جو اچا توکي آ "بلبل"، صحن بستان سان غرض.

تنهنجي نظر جي آسري، مون ڪيو وطن غلط،
آرام غلط، عيش غلط، تن، بدن غلط.

صد حيف اي پرين نہ سندءِ ڳالھہ هڪ بڙي،
وعدو غلط، وفا بہ غلط، سڀ سخن غلط.

دل جي دلال ڪالهہ جو لبَ جو ڪيو تي ذڪر،
تيو خام جوهرين ۾ عقيق يمن، غلط.

خوشبوء تار زلف جي، تاتار ۾ رسي،
ماڻهن ۾ ڏيو پڙهو تہ ٿيو مشڪ ختن غلط.

افسانئہ حيات ٻڌي، عقل همن چيو،
ليلا غلط ۽ قيس غلط، نل دمن غلط.

'بلبل' ڏٺو جو گهُور ڪري، گل بدنيءَ کي،
بستان ۾ ڪيو صفحہء برگ سمن غلط.

خط رسَڻ ساڻ، مون ڏي آيو خط،
فصلِ حسن نظر، پڄايو خط.

حلقہء مہ بہ خود ٿيو حلقہ بگوش،
جڏ پريَن ناهَہ ۾ لهايو خط.

ڪر مطالعہ انين، نہ مسلڪ ٻُڌن،
جو هُنن پيي لڪيي لڪايو خط.

آهي، منهنجو بہ ذڪر ڪو ان ۾!
ٻيلي، يارو مون کي ٻڌايو خط.

منهنجي زاري، ٻڌي تي زور ڪيليو،
هن پريءَ تي جڏهن پڙهايو خط.

هوت ورتو لفافو، جو هَٿَ ۾،
ان خوشيءَ کان نٿي سمايو خط.

گلرخن تي چيو، چمن ۾ گڏ،
اڄ تہ 'بلبل' ڏي ڪو آڏايو خط.

اڄ آهه چڙهي منهنجي، چمبر جو خدا حافظ،
پڻ دل بہ ڪٽي رخصت، دلبر جو خدا حافظ.

ڪاڪل کي سڄڻ کولي، ڪلهہ بام تي هو ويٺو،
آئي ٿي صبا چوندي، عنبر جو خدا حافظ.

زلفن ۾ ڏسي قابو، هڪ ترڪ ڏنو طعنو،
اسلام جي هيءَ حالت، ڪافر جو خدا حافظ.

هن سرو خرامان کي اڄ سير جو ٿيو سعيو،
گلشن ۾ چيو گلڙن، هر-بر جو خدا حافظ.

هو فتنہ قامت آ، هو پاڻ قيامت آ،
تون شر ڪان بچڇ اي دل، محشر جو خدا حافظ.

قسمت جي قفس هن ۾، پابند ڏسي مون کي،
گلرخ ٿي چيو، 'بلبل'، بي پر جو خدا حافظ.

جو آهہ زلف، خط و خال خوبرو ۾ حظ،
نہ آهہ سنبل گلگل جي رنگ و بو ۾ حظ.

هجي مبارڪ توکي ميان، هي باغ-بهشت،
اسان کي آهہ مليو، حسن جان جي ڪو ۾ حظ.

نہ آهہ ڪيف ڪو اهڙو ٿيو جام ڪوثر ۾،
جو آهي، پير مغان جي سٺي-سبو ۾ حظ.

چون ٿا، نينهن نيابي ڪڏهن ٿو ڪين ٿئي،
سو سچ تہ آهہ ٿيو، دلبران دوبدو ۾ حظ.

ٿو هاريان مان هنجون، قامتِ صنم کي ڏسي،
اچي ٿو سرو کي جهڙو، روانِ، جُو ۾ حظ.

نہ آيو 'بلبل' نالان کي بوستان ۾ قرار،
تہ کِسُڪ سور پڙهي، ٿيو چڪر رُفو ۾ حظ.

مون کي ڏسي کهرين ٿو تان ڏس تون گدازِ شمع،
مون کان سکي چڪي آهي، سڀ سوز و سازِ شمع.

پنهنجي اندر ۾ پاڻ ڳري ٿي، انهيءَ سبب،
ظاهر ڪري ٿي ڪين، ڪنهين ساڻ، راز شمع.

ٿي هر مثال منهنجي، اچان ٿي ڳهٽو ڳهري،
جو راتِ ٿي رُئي تہ رهي روز، باز شمع.

جي مون سان ڳڏ هلي، هو شمع رو جو منهن ڏسي،
پروانو هوند پاڻ سهي، ڪين، ناز شمع.

محفل ۾ رات يار نہ آيو ۽ سحر ٿي،
پاڻيءَ شرم ۾ غرق ٿي، آڏري ويو، قاز شمع.

'بلبل' مثال ٿي رهي، هوءَ راتِ حوض ۾،
مجلس ۾ ان سبب ٿي رهي، سرفراز شمع.

هزار سال ٿيو، هجر ۾ گذار، دريغ،
مٿي تي آيو آجل پر نہ آيو يار، دريغ.

رهيو هي نزع جي عالم ۾ هاء جان، افسوس!
قدم نگارِ صنم تي نہ ٿي نثار، دريغ.

بڌاء مون کي سڄڻ، تنهنجي، 'ها' وٺي ڪاڏي،
ڪيئي ٿي قول ۽ اقرار، بار بار دريغ.

ڪيو جو قامتِ رعنا کي مون ڏسي سجدو،
مٿن چيو تہ ڪجي، هن کي سنگسار دريغ.

کهي خيال بلندي، کهي آ حال نشيب،
انهين، عروج، نزولن ۾ ويس ٿي زار دريغ.

چمن ۾ ڪالهہ، گلن کي هٿيي، هيي چور پچور،
ٿئي نہ "بلبل" جي باغ ۾، مزار، دريغ.

فسادِ فسق ۾ گذري، هي عمر ساري حيف،
وئي نہ نفس شقيءَ کان، شرر شراري حيف.

اخير وقت ٿيو، پر مليو نہ يار عجيب،
اکين ۾ روز گذاري، هي انتظاري حيف.

شريڪِ غم ٿي رهيس، جن سندو سدا غمخوار،
انهن مان ڪنهن نہ ڪئي آه! پونواري حيف.

رهان ٿو سير بدن جي خيال ۾ سيماب،
فراقِ يار ۾ دل کي هجي، فراري حيف.

فلڪ تي آه! جو ڪرّو بيان رهيا خاموش،
اثر پذير نہ ٿي، منهنجي آه و زاري حيف.

خزان ۾ هاڻ اچن ٿا، جو خار خار نظر،
هزار حيف جو "بلبل" وئي بهاري حيف!

عشق جي آهنجن، آڙاوَن جو رکن ٿا جي وقوف،
سوز ۽ ساڙي سهي جو خوب چاڻن سي وقوف.

زلف جو اٽڪاءُ، شاني سان لهي ٿو دوستو،
دل سندي اٽڪاءُ جو بي يار ڪو آهي وقوف.

موت گهٽو دل کي لڪايو، دست بُردِ درد کان،
پر ڪٿي چوري وڃن ٿا، آهه هي جن کي وقوف.

جان جي نقدي ڏيڻ سان، جان جو ملندو سراغ،
حال تان دلڙي رکن ٿا، رهن وانگر، ري وقوف.

سيم و زر جي حبُ وارا، ڪشتگانِ سيرِ تن،
موت ڪولي ٿو ڇڏي، انجام جو تن تي وقوف.

شعر سازيءَ ۾ سياڻو ٿا سڏن، توکي اگر،
ڊول بازيءَ ۾ چون ٿا، آهه "بلبل" بي وقوف.

زلف مسلسل هڪ طرف، ريحان ۽ سنبل ٻي طرف،
ڪنڊڙا ڪاڪل هڪ طرف، ابرو سندو غل ٻي طرف.

اي صنم، انداز تنهنجي جو شهر ۾ شور هو،
غمزن جو غلغل هڪ طرف ۽ حسن جو هُل ٻي طرف.

تنهنجي رندن، سُڪر ۾ سارَهه ڪئي وردِ زبان،
مينا جي قلقل هڪ طرف، ساغر سندو مل ٻي طرف.

تنهنجي ميخاني تي ساقي، آهه عالم جي نگاهه،
مستن جي هلچل هڪ طرف، عالم جهانُ ڪُل ٻي طرف.

هن شوخ کي جو شعر جو ٿيو شوق، تا ڪينڊي ڏنو،
ديوان "گل" جو هڪ طرف، ديوان "بلبل" ٻي طرف.

جي ڪيان هڪ ذرو بيانِ فراق،
ته جلي سڀ وڃي، جهانِ فراق.

شل پوي ڪو فراق ۾ ٻه فراق،
وصل ۾ هو نه هي گمانِ فراق.

ذمون تصور ۾ تير مژگان کي،
هي رکيم دل اندر، نشان فراق.

وارَ ميرَ جا متي تي بارَ ٿيا،
هيئن کيو آهه ناتوان فراق.

زلف کلهه ڳالهه ٿي ڪئي ڪَن ۾،
وارَ سان ٿو وڏيان، زبان فراق.

ڪم ته پنهنجو، صبا مان ٿو نڪري،
تو ڪيو چيا حيا، زبان فراق.

سوز وارن جي آ وڏي ساهي،
نيٺ آخر ڪندو نيدان فراق.

سڀ هتلي تان ٻڌو، طيور چمن،
اڄ ته ”بلبل“ جو داستان فراق.

اي صبا جا پيڪ، مون سان ڪر ڀلائي ڀال هڪ،
نئين ٻڌائج نياز مان، اڄ هوت کي احوال هڪ.

چئينس: مان جهڙو ڪِ تهڙو، ته به ته تنهنجو آهيان،
گرچه مان بدڪار آهيان، نيڪ ڪو اعمال هڪ.

تون نہ مون ڪان منهن مٽائج، ڪنهن طرح منهنجا پرين،
چئو ته مائين ڪو ڪيو ٿي، تنهنجي سائل سوال هڪ.

ريءَ عذر ۽ ريءَ پڇا، هي نقد جان حاضر ڪريان،
جنس تنهنجي حسن مان، جاني ملي جي خال هڪ.

پيا ته لاڳاپا اڳيئي، مون سيني لاهي چڙيا،
بلڪ هاڻي ٿيو جدائيءَ ۾ جيئڻ جنجال هڪ.

رشتهٔ اخلاص مٿ هرڪو وجي ٿي منقطع،
مالوارن جو نہ ٿئي شل، مفت ضايع مال هڪ.
باغبان کان ٿي پڇيو 'بلبل' تہ ڪڏ ايندو بهار،
تنهن چيو، گهرجي اچان گل جي ڪُلهہ ۾ مال هڪ.

زلف نا اهڙا پرين پيچيده رک،
دل نہ منهنجي غم اندر غلطيده رک.

جي ٿئي قالين تي پڪڙي قرار،
تان ڪٿين بالين تي باليده رک.

چو گرفتارن کي گريان تو رکين،
خوبرو اهڙي نہ خو، خنديده رک.

خوردساليءَ ۾ ڪرين چو تو خلال،
هي ٿجر ڪهن پير کان پرسيده رک.

ماسوا محبوب جي پيو ڪيم ڏس،
دوست! اجهون ديده کي ناديده رک.

اي ادا، گلچين، دامن کي سنڀال،
هن چمن اجمال مان ڪُل چيده رک.

قامتِ سنجيده جو 'بلبل' مثال،
ٿي سکهي تا، سڀ سخن سنجيده رک.

جو گل بدن تي لباسِ سفيد، پهري شنگ،
ڪري ٿو، جلوهٔ فانوس ۾ سو آتش رنگ.

ٿئي ٿو چاڪ پريشان مثال ماهِ منير،
رهي ٿو عقدِ ثريا کي هار، گل کان ننگ.

شب، بدر جو بدر ڏو ٿئي بدر گهر کان،
ٿيـن هـزار ٿـا انجم نثار شمع پتنگ.

هي سنگدل جي ستر کان ٿي حجر اسود دل،
اتي نہ شکوه جو شعلو اندر، شراره سنگ.

مثال لعل لبن کـان، زبان لعل رهـي،
انهيءَ جي تنگ دهن لئي، رديف قافيو تنگ.

جهان؟ جي باغ ۾ "بلبل" کي آهي خوي مجاز،
رهي نہ گل تي سندس دل کي کا، دير درنگ.

مـردن موالين لـئـي معجون آهـہ ڀنگ،
عشرت ۽ عيش کارڻ، افزون آهـہ ڀنگ.

شجر، حيا ۽ شـاخ نظاري، نيـاز جـي،
منجهہ سبزه زار، نرگس، گلگون آهہ ڀنگ.

کونڊو تنهين جـو دائرو هفت زمين آ،
ڏنڊو تنهين جو گردش، گردون آهہ ڀنگ.

صافو تنهين جو صافيِ باطن، رهي مدام،
مصري پٺي تہ ساکي ٿي ذوالنون آهہ ڀنگ.

پنکي تنهين جي منزل، ملکوت کي رسي،
خشکي تنهين جي مقصد مجنون آهہ ڀنگ.

تنهن جي پرولي، کو تہ پروڙي، موالي مرد،
"بلبل" سندو، معانيِ مضمون آهہ ڀنگ.

نہ توسان کو هاڻي لکم لاءِ لڳ،
هتي عشق آدم کان آيو آ اڳ.

کڏي سينڌ زلفن ۾ آهي سڄڻ،
دلين جي وچڻ لاءِ ٺاهيو آ ڏڳ

نہ مون کي وڻيو آهہ تنهنجو جمال،
گواهہ ان جو سارو جهان آهہ جڳ.

ڏسي دل ٽي توکي، چو دهليءَ وڃي،
متان کو هجين تون بہ دهليءَ جو ٺڳ.

کٿي کالهہ چوري، جا تو چشم سان،
سڃاتو انسِ، هاڻِ سيني ۾ سڳ.

تڏهن توکي شابس چوان شيشہ گر،
جو ٺاهين تون دل جو ڳنڍي پور پڳ.

گلستان ۾ هر گل جي خوشبوءِ آئي،
تون 'بلبل' پيو اهڙيءَ تاريءَ ۾ تڳ.

خراج هفت ولايت چتون، دهن جو آگهہ،
بهاءِ زلف نہ ٿهندي، زمين زمن جو اگهہ.

جي تار زلف جي هڪڙي پوي ترازوءَ ۾،
تہ تورَ ساڻ، خطا ٿئي، خطا ختن جو اگهہ.

خريد بوسہ لب لاءِ، جانِ صد بَر لب،
کٿي پڇي ٿو پتلا، سنگ، هت يمن جو اگهہ.

تون گلبدن ٿو کرين، کاڻِ کوڻ چومون سان،
ٿئي ٿو سيم جو تولو بہ سيم تن جو اگهہ.

ٿيي باغ ۾ ٿيي بها گل سندي ٿئي البت،
نڪي ٿو سيرُ وڪامي، چنل گلن جو اگهه.

ڪيو تو آهه جينءَ پرواز، باغ مان "بلبل"،
رهيو نه هاڻِ اهو آ، گل و چمن جو اگهه.

اٿسر ند تي ساهيان نه اوهان سان ٿو يار سگ،
هيٺي جو هر هم، ڪي لڳي ناگوار سگ.

چشمن هلايو، قافلو، اشڪن جو زلف ڏي،
جن جو لڳو آ آتش دريا جي پار سگ.

مون جو سڏايو، هن جي غلامن سندو غلام،
ڪاوڙجي ڪن چيو ته: آهو ناهه، ڪار سگ.

دل اڄ حبيب ساڻ، ڪري وئي سپرد خويش،
سائش چيو ته "وجهه نه اسان تي هي بار سگ."

خويشن جي ذڪر ساڻ، خوشي جي ڪٿي ڪريان،
داريا چون ته تنهنجو اهو آهه دارَ سگ.

دنيا ۾ ڏس ته ڪهڙي، عزيز آهه دل اندر،
'بلبل' فقط ڳنائي سکهيو، سوَ هزار سگ.

وقت نازڪ ٿيي، سگهو خوب خبردار ٿي هل،
هان سکي، "اير"، لکي، 'ايل' ۾ هشيار ٿي هل.

جي ڪندين ڪين تون انگلش ڪي ادا ياد ته پوءِ،
ڇڏي واداري ڪي، بيهودو ۽ بيڪار ٿي هل.

اڄ ۾ ڇي ڪونه، سوا پاس، جدول ۽ پيسي،
جي اهي پٽي نه ٿي موجود، تان سردار ٿي هل.

علم عربيءَ ۾ ڪيئي، عمر اجائي ضايع،
جي پڙهيئي پارسي پو، ڪمتر و ڪوتار ٿي هل.
هن زماني ۾ ٿيو زور جنهين ڳالهه جو اڄ،
وٺ اها واٽ، اگين بات ڪان بيزار ٿي هل.
جي ٿو چاهين تہ معزّز ٿي رهين دنيا ۾،
ڪوٽ، پتلون ڪري، ڊيل جي رفتار ٿي هل.
ڏي سڄاڻپ ڪي چڏي، پٺو نہ رکج پاتين جو،
زال ڏاري جي رکين گهر، تہ پلا ڏار ٿي هل.
عشق عالم جو ڪري سيرُ جي مالڪ سالم،
شيخي شوخي ڪي ڇڏي ناڪس و نادار ٿي هل.
ڳل وصلت جو ولين واس تہ تون اي هَوَسي،
باغ ۾ حسن سندي 'بلبل' بيمار ٿي هل.

غرض هو ڪنهين جو شباب اوّل اوّل،
رهيو ڪين سو ڪامياب اوّل اوّل.
ڪٽي عمر ساري، سيه ڪارين ۾،
خضاب آخر آخر، شباب اوّل اوّل.
تسلّي ڏئي، پوءِ مارين ٿو مسڪين،
هي لازم ٿيو، عالي جناب اوّل اوّل.
نہ معلوم چا ٿئي، گزڪہ رفتہ رفتہ،
ڪيو مٿي جو دل ڪي ڪباب اوّل اوّل.
رهيو عاشقن ڪان، رهيو عاشقن تي،
عتاب آخر آخر، حجاب اوّل اوّل.

ملیو شرع کان "شین" ۽ "راب" گهر کان،
مرڪب ٿیو هئن، "شراب" اوّل اوّل.

خدا کان اوهان، ۽ اوهان کان گهرون دل،
سخي آ، جو ڏيندو جواب، اوّل اوّل.

رهي برهه جي باغ ۾ تو اي "بلبل"،
خزان آخر، گلاب اوّل اوّل.

دور بتسر سان ڏکيو گلفام، غم،
برگِ گل تي مفت ٿي بدنام، نم.

اج به شايد شوخ مان شب وصل ۾،
ڪامُوَر ٿيندو تـه پـڻ ناڪام، ڪم.

ڪئن خوشي ۽ خورمي، حاصل ٿئي،
ڏس ٿـا پهچن روز پيا پيغام، غم.

زلف-عارض، خال، خط، دندان، لب،
هي مـڙيئـي ٿـا چـون اقسام، سم.

جستجوئي يار، آهو چشم ۾،
روح ۽ دل کان ٿيو آرام، رم.

دل صفا ڪر، يادگيريءَ يارَ ۾،
ڇا رکين، پرواهه "بلبل"، جام-جم.

تو نه ڀاڙيو جي پرين، انجام، جام،
زلف پياريو زهر تلخ آ شام، شام.

گنج تنهنجي حسن تي، هين مـوءِ مار،
ڪئن ڪري پورو هي دل، ناڪام، ڪام.

سون گهڻو آندو عمل، تسخير ۾،
ڪين ٿيو سو ڪين دل آرام، رام.

مان رهيس محروم هڪڙو دوستو،
ڪلهه ته اغيارن تي هو انعام، عام.

حسن ۾ تون شهرهٔ آفاق ٿي،
بيوفائيءَ ۾ ڪيئي بدنام، نام.

باغ ۾ 'بلبل' ڪي منجهه، عهدِ بهار،
ٿا وجهن هر روز، گل اندام، دام.

تون رک هميشه 'رو ٻيو'، ان رمز راز ۾،
"آدي" اٿي تون مڙ ٻيو، ان سوز و ساز ۾.

ڪنهن دام دلربا ۾ نه ٿئي 'پا ولي' تو بند،
ڦاسن 'پيا ني' مکس انهيءَ شهد آز ۾.

'آني' تي ماڪيان ٿي وهي، گنج تي بخل،
هلندي 'نکي' جي ٿورَ ڇا پرواز، باز ۾.

سک تون سدائين عادتون، عجز و فروتني،
پرچي ٿو 'ٻئي سو' عاجزي، زاري، نياز ۾.

ڪج تون "ڪسيري" جيڏو نه ڪو فڪر اي فهيم،
پرواهه بيش و ڪم نه نشيب و فراز ۾.

'پا ئي' نه ڪا خبر هئي، 'بلبل' جي قيد کان،
وجهندي ڪا آئي دامن، دور و دراز ۾.

پورو وفا ۾ يار نہ اڄڪلهہ آدا ڏٺم،
جو ڪجهہ ڏٺم، غرض سو غرض آشنا ڏٺم.

هڪ يار غمگسار وفاڪيش ٿو رهي،
يڪسان ڪمال قرب ۾، در روقفا ڏٺم.

بيگانہ خواهہ خويش اقارب سين اندر،
بيٺي سندو بٺاهُ، سچو برملا ڏٺم.

مخلوق ساري، عالمِ مغلوب عشق جي،
پر ان ڪان زرجو زورو زبر، جابجا ڏٺم.

جئن ڪاغذي گلن ۾ نہ بو-باس ٿي رهي،
بلڪل نہ گلرخن ڪي تئين باوفا ڏٺم.

هن بحرِ عشقِ اوجِ محبّت جي موج ڪان
چا چا نہ زور شور ۽ جورو جفا ڏٺم.

معمول هن جهانُ سندو مشهور آ مثال،
’بلبل‘ جي دل ڪي صبر، نہ گل ڪي وفا ڏٺم.

مرد ٿيا مڪار، چئو ڪهڙي چيم!
ڪي رنون ٿيون خوار، چئو ڪهڙي چيم!

جاڪٽ ۽ پتلون پايو دوستو،
جي ٿيو سرڪار، چئو......

جنهن پراڻي وضع ڪي بدلي ڇڏيو،
سو ٿيو ناڪار، چئو......

فخر جي حاصل ڪيو سيني مٿان،
ٿيو ولايت تيار، چئو......

جي اچا صاحب، سڌايو 'سنڌ' ۾،
تان رهو هوشيار، چئو......
چرٽ کي هر وقت چايون وات ۾،
سينڌ جو سنگار، چئو......
ڪر مهون مضبوط، مٿ وڌنديون وڃن،
ڪوڙ ڏاڙهي وار، چئو......
پي براندي، خوب کائو پيا ڏڪا،
برسر بازار، چئو......
جي آئو تان، امتحان' ۾ ڪجھ ڏيو،
نہ تہ آهيو بيڪار، چئو......
جي کٽو سڌجو سياڻان تان ٿيو،
دين کان بيزار، چئو......
سير ملڪن جا ڪيو جي جاءِ تي،
تان ڏسو اخبار، چئو......

هجر ۾ نالان رهي تو بيوطن،
'بلبلِ بيمار، چئو کهڙي چيم.

گل گل جي چهچٽي ري، لکِي، ڪيئن چمن ۾ متن،
کهرجي ڏين نہ ڪالهہ، عدو دلشڪن کي ڪتن'.
مڪار ڪينِ ميل رکي، مڪر کان سواءِ،
پنجاهہ لاهي پادر تنهن پيرزن کي زن.
نازڪ بدن جي زلف جي اڄ تار تار آهِ،
غسال توکي نہ آ تہ ڏيان مان، ڪفن جو فن.

هر جا حبيب ساڻ صفا رهه، بهٔ صدق دل،
اي لبڙ ٿويا، ڏي تون لبن ۾ ٿهن کي ڀئن.

سنقار، عندليب هٿي برگِ گل تي جئن،
عاشق تهٔ گلرخن جو چمن تا چهن جو ڀئن.

بستانِ دوجهان ۾ اي 'بلبل' بتهرطرح،
سونپيج تون پنهنجو پاڻ کٿي، پنجتن کي تن.

جنهن نظارو ڪيو سنده عينين،
چو سڏائي نهٔ حاجي الحرمين.

کهڙي مان بينوا، بهاءِ کيان،
آهي قربان زلف تان ڪونين.

قاب قوسين، يا هلالِ دو عيد،
جي ڀٽي نوڪدار، هن نجدين.

آب ڪوثر جي سلسبيل چون،
آهي شايد آها اندر شفتين.

زود زائل ٿئي، سياهي دل،
جي تهٔ عارض سندا ڏسان، قمرين.

رهج بيغم، حساب ڪان 'بلبل'،
تنهنجا، حاميءِ حشر، ٿيا حسنين.

عارض ڪان تنهنجي، شمع، شبستان ۾ شرمگين،
حور و پري بهٔ خلدِ پرستان ۾ شرمگين.

زلفن ڪان تنهنجي مشڪِ ختا ۾ پيو خلل،
سنبل جو پيچ پيچ ٿيو ريحان ۾ شرمگين.

ابرو بہ ڏس، فلڪ تي ڪيو جلوهٔ هلال،
تلوار تيز ان ڪان ٿي، ايران ۾ شرمگين.
چشم و لب و دهن ڪان ٿيا قول شرمسار،
بادام، ڏاڙهون، پستہ خراسان ۾ شرمگين.
قد لاءِ مون ڪي مصرع موزون نٿي ملي،
الفاظ الف ٿي چڪا، ديوان ۾ شرمگين.
انداز ناز ساڻ، خرامان ٿو تون ٿلين،
رفتار ڪان ٿي ڪبڪ بہ بستان ۾ شرمگين.
جوين جي تنهنجي هاڪ هلي جان جهان ۾،
ٻڌندي ڪري پيو، يوسفِ ڪنعان ۾ شرمگين.
'بلبل' صدائي سوز، ماٺڙ مان تنهنجي سڀ،
ٿيا مرغ هم صفير خوش الحان ۾ شرمگين.

'ڪراچي' سون وٽ پيارا، تون وري پنهنجو وٺاڻ،
آهه تہ هيڪر، هوت منِ 'هي، در ٿئي آباد' هاڻ.

مارئيءَ کي ٿي ڇيو مارن ڇڏي پنهنجو ملير،
ٿي وسائين 'ڪوٽ، ڙي' توکان پئلي ويڙا هي ياڻ.

ان ڇوايو تن کي، مان هت "جنگ-شاهي" ۾ جهليس،
ڪٿي وساريندس اديون 'سي-وڻ' ڏيو جن جا اُجاڻ.

جي سڏائين 'مير' ۽ 'دولت' ۾ 'پڙ' ٿو پاڻ کي،
'سا، ڪَرو' ڙ جو ڪيان، مت ڪيم ان جي سيم ساڻ.

آهه تہ ياتيان ٿي عمر 'دادو' سو توکي دين جو،
ڪين 'ياڻن' ڪان 'لڪي' ڪا هئن ٿئي منجهہ طلب تاڻ.

ڪو 'سکر' توکي نتو سمجهائي، تون چا ٿو ڪرين،
اهڙو 'رڪ' رهزن نٿي موٺاءِ پنوهاري جو پاڻ.

'لاڏڪائي' پنهنجي اندي مال تي تون ڪيم ڪر،
بي 'بقا-پر' آ بقا نا آشنا، تون دل ۾ چاڻ.

شوق شاهي ۽ شڪارن ۾ نہ، پَرُ مغزي رکج،
هي 'ڳڙهي' 'ماڙي'، محل سڀ بي بقا آهن، سڃاڻ.

اڄ صبا جي هيڪ سان سڪ سوز، دل 'ہ هڙ' ہدي،
گل جي خدمت ۾ تون 'بلبل' هن امانت کي اماڻ.

ڪيئن سکئين تون يارَ هي دلڙي کَسڻ،
زلف ۾ قابو ڪرّي، آجا ہَدڻ.

آهي آهين، خاطرِ عشاق لاءِ،
سنگدل پڻ سنگ مقناطيس جڻ.

ڪين مائل ٿئي، ڪڏهن ٿي موم تي،
ڪنهن پهڻ سان تنهن پريءَ جي دل پهڻ.

اک ۽ دل، استاد ابرو برق لئي،
هن سبق ورتو وسڻ ۽ هَڻڻ تپڻ.

عيش دنيا جا ہ ڏس، سڀ مون ڪيا،
هاڻ ڪم آهي، ٿيو اخبارون لکڻ.

جنهن چمن سان آشيانو تو چڏيو،
سو وسي، 'بلبل' نہ بستان جو اگڻ.

بهار آئي ڦليا گل ڦل، آها، هاها، آهو، هُوهُو!
ڪليا هرجا سمن سنبل، آها ها ها...

ڏسو نرگس عجب نسرين، رياحين برگ ياسمين،
سونهن ٿا سروَ تي صلصل، اها، ها ها...

ٿيا مرغ چمن نالان، رهيا گل ڦل سڀئي حيران،
اٿيو غوغا، اهو غلغل، اها ها ها...

ڪڍي اڄ صد زبان سوسن، سوين سورج ٿيا روشن،
هلڻو هڪار جو هَل هَل، اها، ها ها...

رَباب و چنگ، مطرب، مئي، صنم، ساقي ۽ ٻي سڀ شئي،
صراحيءَ جي صدا قلقل، اها، ها ها...

ڪري ٿو نغمه پردازي، سچي سيکَ جي سخن سازي،
برهه جي باغ ۾ 'بلبل' اها، ها ها، اهو، هو، هو.

سڄ چئو پرين اوهان کي، هي پنڌ ڏور ڇا هو،
مون کان ڪڏهن ڇڻ جو پيو دل ۾ پور ڇا هو.

بيوَجهه تو ڪئي آ، هن ريت بيوفائي،
دل ۾ ته ٿي تون قاضي، منهنجو قصور ڇا هو.

ڇو ٿو تڙين تڏي کان، پنهنجي پرين پيارا،
در تي پيو رهي ها، هڪڙو مزور ڇا هو.

حق ڳالهه جي ڪجي ٿي، سوي ادب رهي ٿو،
هو حسن تنهنجو ڪافي، مئه جو ضرور ڇا هو.

هٿ جي رکي رکڻ کان تنهنجي ڪمر ڏکي ٿي،
هئي اهئي! املوڪ مائين، سٽل هي ته سور ڇا هو.

مون کي سجائي، چائي، وائي، پڇين ٿو نالو،
هو* پُر غماز مستي، پر هي غرور ڇا هو.

"بلبل" هي طرز تازي، جا تو سخن ۾ آندي،
سا سڀ مٺي سجڻ ٿي، وه وه سرور ڇا هو.

عالم سڄي ۾ اڄ ٿو ڏسان، عيش عيد جو،
عشاق کي آ عزم ٿيو، دلبر ديد جو.

بي ديد، تنهنجي عيد، نہ ساعت سعيد چاڻ،
رک اشتياق روح ۾ روزِ وعيد جو.

بازر برهہ ۾ سور جو سودو سو ڪيئن وئن،
ٿيو خام خيال جن کي خوشي ۽ خريد جو.

پوشاڪ کهڙي پهرن، وهنجن سي ڪيئن وڊيل،
تڪفين، غسل ناهہ ڪو نازِ شهيد جو.

آهي اثين رقيب جي عاشق سان رد-بدل،
آلِ عبا سان هو جيئن جهيڙو يزيد جو.

گل گل گريبان چاڪ ٿو "بلبل" ڪري تڏهن،
دفتر جڏهن ڏسي ٿو سندءِ دل دريد جو.

ڏس چرخ رنگ چرخ تي خنجر هلال جو،
شاهِ شهيد لاءِ، شفق خون خصال جو.

هي قطره قطره مطر جا موڪا نہ مينهن چاڻ،
ماتم ڪري ٿو، ابر روئي، هن مقال جو.

سمجهين سدا رهي ڇو، سيہ پوش هي سپهر،
واقف هو ڪربلا جي وقوعن ڪمال جو.

سینو فلک جو باغ ستارن سان سربسر،
مه، مهر، کم ۽ کاست ۾، هر ماه، سال جو.

حسنین جي فراق کان هر شب زمین تي،
شبنم بچشم، لڙک لڙي ٿو ليال جو.

هر سبزه نبات تاسف کان سبز رنگ،
هر لالي، داغ داغ، دليل آهه دال جو.

اخلاص پنجتن جو تخلص کان کيئن ٿئي،
ظاهر زبان ساڻ کين خامن خيال جو.

آل علي جو عشق، ائين آهه مون ۾ حل،
باطن، عيان ۾ بوءِ جئين گل-مثال جو.

باطن ۾ گر هو قرب تسلسل کمال جو،
ظاهر ۾ دشت کربل، تزلزل، زوال جو.

جئن کيو نه جان نثارن، تيغن کان آت دريغ،
تئن تئن مثان نه سانگو هو، سير جو نه سال جو.

نج تون صبا، تراب قدم، بوتراب لاءِ،
جاروب کن جي هوند، هي "بلبل" جي بال جو.

هلچل ۾ چار-پنجان، جي وڌ نه پنج ٿيندو،
پيو گهرڙ گهائون جي وٽ، ڳڌ ڏوڙ گنج ٿيندو.

وسعت نه ڏيو هوس کي اي نوجوان نينگر،
هن پير پشت خم کي، رهڙيو ته رنج ٿيندو.

زرگر ٿو زر کي چاٽي، جوهر کي جوهري ٿو،
چا ڪاچ خزَف، سگن جو گندم، برنج ٿيندو.

مر هو هلن هوا تي، جنهن دم اٿيا موالي،
بوراق تن جو بابا، ساجهرئي منج ٿيندو.

شرفا جي شوق ڪارڻ، سارو هي ڇهڇٽو آ
صفرا ڪي سودمند پي شربت شڪنج ٿيندو.

لک وار جي لڏي پيو، رفتار ۾ ريسارو،
'بلبل' هي ڪانٺ ڪارو هرگز نہ هنج ٿيندو.

نيچري فن ۾ ڏيکاريان ٿو نئون فن پنهنجو،
خوب ٽرڙاٽ ۽ بٽرڙاٽ سان فيشن پنهنجو.

ڇا اوهان چاٺو ٿا اي يار، مان 'سنڌي' آهيان،
خاص لنڊن سان آ ناتو ٿيو نيشن پنهنجو.

مور ماني نہ وٺي ۽ نہ ڪو مذهب ۾ مزو،
حسن ليڊين جو آهي روز ۽ ريشن پنهنجو.

شال لنڊن ۾ وڃي عمر گذاريون البت،
پرمننٽ، آهہ، اهوئي تہ اسٽيشن پنهنجو.

ڪِل ڪِاڙهن جا هلي ٿيون اتي نوڪر، ايٿن ئي،
بندگي آهہ انهن جي ويسر اهشن پنهنجو.

سڪياسون، ڪنهن سبب 'مائي ڊير اي سر' تہ ڇا ٿي پيو،
ڪٿي ماٺهوءَ سڏايو موج ڪان مستر تہ ڇا ٿي پيو.

ٿئي ڪنهن جي چوڻ سان ڪين ٿو بد، نيڪ ڪو قاضي،
پلي ڪوئين ڪاوڙ مان رکيو ڪافر، تہ ڇا ٿي پيو.

سکن ٿا جئن ملا، متسلا، شريعت جا اسان اهڙا،
پڙهياسون قاعدا، پوڄي مليو پاور، تہ ڇا ٿي پيو.

لقب آهن، اهي ڇڙ دين جا، حاجي، ملا، قاضي،
ٿياسون تشن اسين، عهدن ۾ ڪر-ميجر ته ڇا ٿي پيو.

سڄائيج ويس، ڪوٽ وار، ٻيا پتلون ڇا پروا!
صفائيءَ ڪاڻ جي هٿ ۾ ڪنيم ڪاڳر ته ڇا ٿي پيو.

جئين ٻجو، تئين ٻجو، مگر حاصل ڪيو سانسي،
لکن جي منهن، منٽي تي، چار-پنج پادر ته ڇا ٿي پيو.

رهي پُرمغز تو هردم گلن جي بُوءِ-بلاغت ڪان،
ٿيو 'بلبل' اگرچ بيوطن، بي زر ته ڇا ٿي پيو.

ادا خوب دنيا ڪي ڪائو ڪمايو،
پٺو پول، آخر سندو دل تان لاهيو.

رکو دين، مذهب سان هرگز نه رايو،
سڀن جا مسالا، ميساري مٽايو.

پڙهو انگريزي، ڪيو اوج اعليٰ،
وٺي خوب عهدا، حڪومت هلايو.

وهارڻ، اٿارڻ، ڪيو انگلش سان،
هلائي پٽن ڪي لنڊن ۾ پڙهايو.

وٺي فيمليون پنهنجون، فرصت سان ٻاهر،
سدا سير ڪارڻ، بڪين ۾ بٺايو.

حيا لڄ ڪان هردم ڪيو پنهنجو پاسو،
ڏري مال بينڪن ۾ پيسا بچايو.

ٻئي جج پنهنجون جيوريون پيا جوڙيو،
هٿي سُولو، انصاف اصلي آڏايو.

عدل ہي ريا سان، رکو ڪين ياري،
وڪيلو، وڙو، خوب خرچو، کنايو.

ولي چار ڪوڙا، شتابيءَ سان شاهد،
ڏيو جلد فتوا، کنيو ڪنهن، هرّايو.

ڪيو ڪوڙ، پر سچ جي ڪوشش نہ ڪائي،
لکيو هڪ تہ تنهن کي پڙهي ہي ٻُڌايو.

ڏيو ڪن نہ ڪنهن کي، جي پونڪن ٿا ڪُتا،
اوهان پنهنجي 'بلبل'، پيا پٽر آڙايو.

يار اکيان تون روز رو، تازه بہ تازه، نو بہ نو،
مٽن ملئي ڪو ڦٽ بجو، تازه بہ تازه، نو بہ نو،

ٽانڊي ۽ ٽوہيءَ جي ٽهل، ڪر پيو سجڻ جي هر مهل،
نيوڙي پيو ٿاهہ، نڙ ۽ ڳو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

روز گذار، سار ۾، ٽُڪَ ٽڙاڪَ گار ۾،
وٽ پيو سوچڙن سڙو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

گهر، زمين ۽ مال ضبط، ڇڏ نہ راڳ رنگ ربط،
شوق تون رک شراب جو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

جي نہ رکين ٿو زور و زر، برهہ بزار ڪيم ڪر،
هيت تہ گهرجي روڪ ٿو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

روز تنهين جو هي سٽتل، ڪنهن ڪوڙهو ڪو مت منجهيل،
شال، اچي گراڪ ڪو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

جي نہ اچي ڪين 'بلبلان'، ڪين ٿئي پو گلگلان،
روز چمن ۾ چهچٽو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

هئي هئي! ميسنؔ اسان کي تہ مسٽر بنايو آھ،
صد شڪر آ اڪِي ڪان تہ بهتر بنايو آھ.

دل کي ڏيکاري خوب، نئين چال جا مزا،
پٽلون، ڪوٽ، بوٽ جو خوگر بنايو آھ.

خرما، ٻتھ ثواب، سيون ۽ شراب پڻ،
بسڪوٽ، چاءِ، گھر ۾ تہ چمبر بنايو آھ.

دير و حرم ۾ شيخ، برھمن پيلي رھن،
يارن تہ پنھنجو لنبڻ، مندر بنايو آھ.

باجو وڄائي، ناچ جو ڪن ٿيون نشاط ۾،
صاحب کي ڏس بغل ۾ چا باندر بنايو آھ.

بي. اي. جي پاس واري کي، چانوڪريءَ جي ڪاڻ،
جت آيو جوڙ توڙ سان ٽيٽر بنايو آھ.

خط ۾ لکڻ عبارت بلڪل فضول چاڻ،
چا مختصر ھي نسخو، ’ڊيرسر‘ بنايو آھ.

’بلبل‘ ملي، ترقي، ٿي تنهن کي پوليس ۾،
چالان ۾ جو پرَ کي ڪبوتر بنايو آھ.

مجلس جي سونهن سوپ ۽ سينگار آھ حقو،
وحشت ۾ غمزدن جو غمخوار آھ حقو.

ٻڙبڙ ڪيون پيو دل کي، بهلائي ساڻ باتين،
داناء دل جو دلبر، دلدار آھ حقو.

ان جو تماڪ حسرت، مشڪِ خطا ختن آھ،
ٽانڊو تنهين جو غيرتِ گلنار آھ حقو.

هر وقت هو وضوءَ سان، آ غرق، غسل ۾ پڻ،
پاڻيءَ سان پاڪ پنهنجو، هر بار آهه حقو.

آ غم غلط جو نسخو، معجون مونسيءَ جي،
هر درد دک جو داروي بيمار آهه حقو.

محبوب جي ملڻ جو آهي، وڏو مسبّب،
دلبر جي دوستيءَ لئي، درڪار آهه حقو.

مجلس ۾ مئي پرستن جي مست تين مڙيئي،
با هوش تن ۾ بيشڪ، بيدار آهه حقو.

جي تازگي آ تن ۾، نڙ گوءِ، نبض جاري،
'بلبل' سندو به گويا، گفتار آهه حقو.

عشق انسان لئي اکاڙو آهي،
عقل جي وڻ ۾ چڻ کهاڙو آهه.

فوج سهڻن جي دل ڦري جهٽيٽ،
هي به هڪ دلبرن جو ڌاڙو آهه.

جا ڏي دل جو سلام تئي تا ڏي،
ساري لشڪر لڱن جو لاڙو آهه.

خرچ ڪثرت سان تئي ڪراچيءَ ۾،
موت، هر ڪنهن مڪان' جو ڀاڙو آهه.

نانره نينهن آهه نيهه ـ مر روڊ،
واه! ان ۾ امام واڙو آهه.

جو ڏسو، هت جوان مڙس، بلي!
ميڪنهين ڪي تيو سوز ساڙو آهه.

ٻـي هـوا مست، سـرد، ساموندي،
آب کـوهـن ٻـڏن جـو ٻاڙو آهه.

باغ، فرقت ۾، گل ري، 'بلبل' کي،
روز و شب، روج، رنج، راڙو آهه.

ٿي زر جي زور بازي، زر آ ته عشق ٺهه پهه،
ڪر موج، روز تازي، زر آ ته عشق ٺهه پهه.

زر جي ٿي ڪامراني، جاني مڙي پيو جاني،
سڀ ڪائي، مامي ناني، زر آ ته عشق ٺهه پهه.

زر ساڻ ڪوجهو ڪاٺو، اڪـ ۾ اهو اگهاٺو،
چـريـو بـه ٿئي سياڻو، زر آ ته عشق ٺهه پهه.

زر ساڻ عيب هـاڻـو، سهڻن انـدر سمائو،
نـَر ٿـو ٿوائي نـاڻـو، زر آ ته عشق ٺهه پهه.

زر ساڻ سيڪو ڪـَهـَرو، چاچو ۽ ياءَ چـَهرو،
قربان سـَس ۽ سـَهـُرو، زر آ ته عشق ٺهه پهه.

بازر ته جهنگ بازر، جو گهـَر ٿئي سو محضر،
بـي زر، شهر ۾ ٻادر، زر آ ته عشق ٺهه پهه.

زر ٿـي وڏائـي نالو، تـوڻـي هجي ريڏالو،
صدقو ٿئي پيو سالـو، زر آ ته عشق ٺهه پهه.

'بلبل' پـُليا جي هن ۾، سيئي رُليا سخن ۾،
دنيا جي گل چمن ۾ زر آ ته عشق ٺهه پهه.

جو ويڙهيا وارَ اڄ چڻ مشڪ ٿيو، تاتار، ته، ته، ته،
دلالن دل سندو وٺجو، اهو واپار، وه، وه، وه.

اول گهنڊي وجهي مُنهن ۾ ڪيلي جو يار متن-مهٽو،
ڏيکاري چمن جو اسرار ۽ ديوار-قهه قهه قهه.

فلڪ کي فخر آهي، چنڊ نوراني مٿي، اهڙو،
اسان جي ماهرو جو منهن سچو انوار، مه مه مه.

هلي جو يار خوش اطوار، منجهه بازار يا ٻاهر،
ٿئي هيڪار، خوشبودار مان رفتار، رَه رَه، رَه.

هو دل آرام ۽ گلفام جئن اصنام وٽ آيو،
ڪريا پيزار ۾ هر بار ڪان ڏهڪار ڏه ڏه، ڏه.

سنڌ ۾ غلغل مٿان 'بلبل' ٿين صلصل اچي صدقي،
شڪر گفتار ڪان گلگل، چمن چوڌار، چهه، چهه، چهه.

خراب دنيا اٿئي، خانهٔ خراب سندو ۽،
تو عيش نيش هٽي مال مضطراب سندو ۽.

ڪري تو صبح، معبر جي ڏک سندو تعبير،
ڏسي، ڏکيو جو ڪنهين رات، سک جو خواب سندو ۽.

چکي جو شربت وصل و وصال سو ٿئي هلاڪ،
اندر ۾ زهر، ته ٻاهر شهد شراب سندو ۽.

نه تنهنجو تشنهٔ لب، ٻر مراد پهتو سراب،
هي آب و تاب پراهون، سو سپ غراب سندو ۽.

ٻرنج، رنج ۽ ٻوڙي تو ٻوڙ، نان، زيان،
پٽلا، بلا آ ٿيو، سوخته ڪباب سندو ۽.

سندءِ عذاب سو عشرت، ۽ عشرت آهه عذاب،
عتاب خوش نہ، مخاطب ٿئي خطاب سندوءِ.

بهارِ باغ زماني ۾، غنچهءِ مقصود،
کُليو نہ 'بلبل' دل جو هي گل، گلاب سندوءِ.

ڪٿي ياد توکي پريت، پٿون يارَ هن ميٿَل تي،
سچ ٿا چون سياڻا، 'جي چِلهه اتي، سي دل تي'.

منهنجي اندر ۾ اپريو، ايئن هڪ سلو تہ سڪ جو،
سيلابِ آب جي سان، جئن گل چمي ٿو، گِل تي.

طوفان سَو طرح جا، هڪ تـو لهي، ٻيو اپـري،
ديدن سندو دوآبو، ڪيئن موجَ مستقل تي!

رهـي شمعرو تـو شاغل، سدا محفلِ طـرب ۾،
'بلبل' بـہ مشتغل آ، صـد نـالہ مشتعل تي.

سهڻا ضرور توکي، سينگار جو نہ آهي،
ريءَ زلف، دام دل لئي، ٻي تار جو نہ آهي.

جي قتل لاءِ ڪنهن جي، تون ٿو ڪشين ڪمَر کي،
ابرو اٿئي تہ، مانگو، تلوار جو نہ آهي.

اٽڪايون اکڙيون تو، پر جي هجي ڪو مقصد،
مژگن جـي مورچـي کي، پيڪار جو نہ آهي.

هن نازنين جـي قد سان، همسر نہ سَرُو ٿيندو،
جر ڪاٺ اٿڪهڙيو ڪنهن، ڪم ڪار جو نہ آهي.

مضمونؔ، سندءِ ڪمتر جو، چو موشگاف پايان،
ان ڳالهہ ۾ تفاوت، هڪ وارَ جو نہ آهي.
'بلبل' تون هاڻ بس ڪر، باريڪ بات هينءَ ڪان،
اڄ قدر، ڪوئي ڪنهن وٽ، اشعار جو نہ آهي.

اڄ وري قسمت اڏايو، منهنجي دانہ، آب کي،
عشق جي آتش جلايو، عقل جي اسباب کي.
ايتري دوري ۾ دوران جي نہ ٿي آ سرد دل،
چرخ سر نو ٿيو وري، پير، فلڪ چرخاب کي.
اشڪِ خوني جي نظاري کان نہ ٿي سيراب چشم،
موجزن ٿيو، شوقِ ديده، بحر جي گرداب کي.
'هرچہ بادا باد، ما ڪشتي درآب انداختيم'،
هي توڪّل جو آ ترهو، عشق جي ارباب کي.
باب سي ناياب ٿيا، مايوس آهيان، اي صنم،
شال، چشمن سان چمان، نئي بارگہ جي باب کي.
گردشِ هن گردگون کان، ٿيو دگرگون حالِ دل،
رشتہ وارن ۾ ڏٺم، جشن رستم و سهراب کي.
'مي روم در شوق، اڪنون، سرِ براهِ عشقِ يار'
من ميلان محبوب مدنيؑ، آل ۽ اصحاب کي.
قيد ڪيو صيّاد قابو، اڄ قفس ۾ ديد، دل،
بيوفائي گلرخن کان، 'بلبلِ' بيتاب کي.

هن سبب دل آهہ مائل، منهنجي گل گلزار تي،
باغ ۾ سارو سراپا آهي، صورت يارَ تي.
برگِ گل تي هُن لڳي ٿي، خوشنما شبنم ڀرين،
قطره قطره آب جا، ڪن زيب جئن رخسار تي.
جئن سونهن ِ ٿا پيچ سنبل ۽ سمن ريحان جا،
جئن گِرَهہ تي ڳول ٿئي، هنَ ڪاڪلِ خمدار تي.
ياد اچ آئي چمن ۾، ان جي چشمِ نيم باز،
پئي نظر جڏهين، چمن ۾، نرگسِ بيمار تي.
سَرْوَ بي سر، بَرهوا آهي سدا محوِ ثنا،
مست آ مجنون جيان، اُنَ جي قدِ هموار تي.
روح کي ٿو خوش لڳي، تنهنجو ڀرين رنگين لباس،
ان سبب رايو ڪهڙو، منهنجو رهي، گلنار تي.
پنهنجي عاشق جي عيّادت، ڪر تہ ڪڏهين اي عجيب،
فاتحہ، گل پئي پڙهن ٿا، ’بلبلِ‘ بيمار تي.

رخِ تابان کان تنهنجي، حور و غلمان، منفعل آهي،
منوّر منهن ميئي کان ماهِ تابان، منفعل آهي.
توهان جي ڪاڪلِ خمدار جي خوشبوءِ خم خم کان،
سڙي ٿو سوز ۾ سنبل ۽ ريحان منفعل آهي.
ڪرين ٿو قتل، ابروءَ جي اشاري سان، سوين عاشق،
تکائيءَ ۾ تہ تنهنجي، تيغ برّان منفعل آهي.
سياهي چشم، تنهنجي سرمہ گين جي سونهن کان ماجن،
سدائين سيِجَ ۾، آهو، بيابان منفعل آهي.

سڄڻ جي لال لب ۽ سِلڪ دندان جي صفائيءَ ڪان،
گُهَر، ياقوت، هيرو، لعل، سرجان، منفعل آهي.

توهان جي چگلائيءَ، چال جي چاليءَ ڪان اي چنچل،
ڪُهسٿان ۾ مڪر، ڪبڪِ خرامان، منفعل آهي.

پيو غلغل سخندانن ۾، تنهنجي سوز ڪان ’بلبل‘،
طرح گفتار ڪان، طوطيِ زبان‌دان، منفعل آهي.

عشق جي، عشق جي آزار جي، اهڙي تهڙي!
درد جي، دل جي ۽ دلدار جي، اهڙي تهڙي!

مفت ماڻهن کي ڏيڇارين ٿو، ڀلاڙي مُلڙو،
ها! سنڌ ۽ جبّ و دستار جي اهڙي تهڙي!

هاءِ! ڪجھ چالِ سڌاري نہ اوهان اي ’سنڌي‘،
ڪاڏي، پٽي ۽ وڏي وارَ جي اهڙي تهڙي!

جَوّ جو ڪين جان رکو، وارَ ۽ ڏاڙهي ڏاڪن،
ٽڪي، پهراڻ ۽ سلوار جي اهڙي تهڙي!

ٻاني ياڪر جو ملو ٿا، ڪِ وڙهو ٿا سَلهون،
خوش-تازي جي، خبرچار جي اهڙي تهڙي!

آهي، انگلش ۾ سندن اهل سان رغبت، الفت،
سيتَ مائٽ جي ۽ گهر ٻارَ جي اهڙي تهڙي!

هي پڙهي شعر، ملامت ۾ چون ٿا ماڻهو،
شعر جي، ’بلبلِ‘ بيمار جي اهڙي تهڙي!

---

# متفرقات

ع

# تاريخي قطعا

## مخمس بر غزل خواجہ حافظ رحمةالله عليه

جنون جي جوش ۾، صحرا گهميا اٿم سارا،
نہ مست مون جيان، آهو ڦرن ٿا ويچارا،
نہ ڪوهہ اهڙا ڪي ڪانيا ٿي ڪوهڪن ڪارا،
صبا بہ لطف بگو آن غزال رعنا را،
کہ سر بہ ڪوه بيابان، تو داده اي مارا.

ڪڏهن نہ شائق پنهنجو ڪيو تو شاد اي گل،
پڄي نہ منهنجي آ من جي اها مراد اي گل،
بهار موسم ۾ تو ڪيو نہ ياد اي گل،
غرور حسن، اجازت مگر نہ داد اي گل،
کہ پرسشي نہ کني، عندليب شيدا را.

ڪڏهن نہ دلبر جاني، منيال ڪئي ڪائي،
نہ منهنجو آهہ سفر ۾ ڪو مست سودائي،
ڪري جا هاڻ ڪا محبوب مجلس آرائي،
چو باحبيب نشيني و باده پيمائي،
بياد آر، حريفان، باده پيما را.

تون روز حسن تي، دلڙيون وٺين ٿو زوراور،
ستم ۽ جور و جفا، جي پرين، ڇڏين نہ پڇر،
تون سِک ڪا عادت، مهر و وفا سندي دلبر،
بہ حسن خلق توان کرد، صيد اهل نظر،
بدام دانہ نگيرند، مرغ دانا را.

اوهان جي حسن ۾ آهي، جو زور زينت، زيب،
نہ آهي حور و پري، شمس و ماهہ ۾ لاريب،
ذرو نظر نہ اچي، تنهن ۾ قبح، ظاهر و غيب،
جز آن قدر نہ توان يافت در جمال تو عيب،
کہ خال مهر و وفائيست، روئے زيبا را.

دهن توهان جو تہ آهي، شڪّر سخن جي سرا،
لبّن تي شهد جا آهن، مگر ڪِريا قطرا،
جو بومي ساڻ پون ٿا، شهد، شڪّر جا ذرا،
"شڪّر فروش ڪہ عمرش دراز باد چرا،
تفقدّي نہ ڪند، طوطي شڪّر خارا"

الاهي ربطِ محبّت، درين خدائي نيست،
نصيب عاشقِ شيدا، بہ جز جدائي نيست،
ڪہ ڪاروبارِ بتان، غير، بيوفائي نيست،
'ندانم از چہ سبب، رنگ آشنائي نيست،
سهي قدانِ سيه چشمانِ ماه سيما را'.

ميڪيج تون 'بلبل'، نُڪتا نهفتۂ حافظ،
بهار معنيٰ جو آ، گل، شگفتۂ حافظ،
سخن جي سلڪ ۾ ڏس دُر، تون سفتۂ حافظ،
'بر آسمان چہ عجب گر ز گفتۂ "حافظ"،
سماع زهره بہ رقص آورد، مسيحا را'.

مخمس برغزل حافظ خواجہ رحمة الله عليہ

نہ حلقي زلف جي مون ڪي وڌو آ زور ڪمند،
نہ دام خط جي ڪيو بند، دانہ خال گزند،
نہ چشم تنهنجي تي، آئون چريو ٿيس هرچند،
غلام نرگس مستِ تو تاجدار انند،
خراب بادۂ لعلِ تو هوشيار انند.

ڇپايو مون تہ گهڻو، پنهنجي دل ۾ راز و نياز،
هي بار دردِ هجر ساڻ سور، سوز و گداز،
بهار حسن اوهان جي جيي بوء نازَ انداز،
ترا صبا و مرا آب ديده شد غمّاز،
و گر نہ، عاشق و معشوق راز دار انند.

اوهان جي ڪاڪل ڪمتر ڪيو، سمن نسرين،
حيا ڪان، سنبل و ريحان رکيو آ سر ٻ زمين،
جي ڳالهہ منهنجي تي، توکي نہ آهہ يار يقين،
گذارڪن چو صبا بر بنفشہ زار ببين،
کہ از تطاول زلفت چہ سوگوار انند.

نہ سرو قد تي هتي، قمري آهہ پا ٻ قفس،
نہ برگ لب تي لکين بلبلون رهن بيوس،
ڪروڙ مرغِ چمن کي، انهيءَ هوا جي هوس،
نہ من بران گلِ عارض غزل سرايم و بس،
کہ عندليب تو از هرطرف، هزار انند.

توهان جي هجر ۾ منهنجو رليو هي روح و بدن،
نہ عيش و عشرت گلشن وٽي نہ سيرِ چمن،
ضعيف، مسڪين، بي پر، بيواه ۽ بيوطن،
تو دستگير ٻ شو خضر پي خجستہ کہ من،
پياده مي روم و همرهان، سوار انند.

وڏو جو دام، محبت جو دل کي تو صياد،
رهي اوهان جو هي زندان خانہ شل آباد،
اسيرِ عشق جو "بلبل" نہ گل ڪري آزاد،
خلاص "حافظ" ازان زلف تابدار مباد،
کہ بستگانِ کمندِ تو رستگار انند.

## مخمس برغزل خسرو رحمة الله عليہ

آٽيان سچ جي شعر ۾ تنهنجي سراپا سرسري،
سارهہ منڌي سوداءَ ۾، هيءَ عمر مون ويندي گري،
تہ ٻ ان منجهان، هڪڙي ذري، پوري نہ ٿي مون کان وري،
"اي چهرهٔ زيباء تو، رشکِ بتانِ آذري،
هرچند و صفت مي کنم، ليکن ازان بالاتري".

# تاريخي قطعا

( ۱ )

مادہ تاریخ طبع، از ترشیح، کلک فیض، سلک سالکِ مسالک حقیقت، مناهج معرفت، جناب رشادت مآب، مخدوم میان محمد ابراهیم صاحب مد ظله صدیقي، نقشبندي، متخلص به "خلیل"، ساکن ننگر ٺٽہ.

شکرِ حق، دیوان 'بلبل' یافت اتمامِ عجیب،
یک همین گوید غریب است آن دگر گوید عجیب.

از سرِ جان، طوطيِ طبعِ منِ اتمام او،
گفت: در باغم چہ زیبا، نغمہ های عندلیب.

( ۲ )

تاریخ طبع کتاب از طبع 'بلبل' شیرازِ سخنداني شهبازِ بلند پرواز اوج، واقف رموزِ خفي و جلي، جناب میرزا احمد علي صاحب، "احمد"، مالتِ انسپيڪٽر جهرک

چو شد دیوانِ "بلبل" طبع باالخیر،
ز شادي شد چمن، پر شور و غلغل.

ز هر جانب، مبارکباد گفتند،
تذرو، طوطي و قمري و بلبل.

ز هاتف، سال طبعش، جست "احمد"،
کہ بس فرّخ رسید این دستہ گل.

شکستہ پائي بوم گفت 'هاتف'،
گلستان تازه کرده طبعِ 'بلبل'.

( ۳ )

تاریخ از قلم اعجاز رقم، امیر جاگیر شعر عالمگیر، سلطان دلپذیر، نکته رس کنار داد۔ جناب سیّد حاجي غلام محمد شاه 'گدا' حسیني 'گدا' ساکن حیدرآباد.

در گلستانِ جهان گل باشمیمِ دلپذیر،
با لباس احمر، جلوس آورد بر اخضر سریر.

ابر نیسان، آبپاشي کرد در صحنِ چمن،
هر طرف بادِ صبا شد، در دهن جاروبگیر.

آمد فصل بهار ست اینکه مي بینم جلوس،
از گیاهِ سبز گویا فرشِ شد اخضر حریر.

آب چون سیماب از کاریز در طرفِ چمن،
پاءِ بوس هر شجر گردید، باشوقِ کثیر.

نغمه سنجانِ چمن هر یک ترنّم تازه کرد،
لیک 'بلبل' برد سبقت از همه اندر صفیر.

حبّذا 'دیوان بلبل' هم کریما نیچرل،
دائما در دهر بادا، همچو شمس الدّین منیر.

سال طبعش را چو جستم گفت: هاتف اي 'گدا'،
با سرِ الفت بگو، 'دیوان بلبل' بي نظیر.

( ۴ )

از: 'گدا'

زهے شمس الدین، بلبلے، خوش ترنم،
ز فکرش شد این نسخه پر لطائف.

'گدا'، با سرِ هوش، تاریخ طبعش،
شنیدم ز هاتف، "لطائف ظرائف".

۱۳۰۸ھ

( ۵ )

تاریخ از طبع رنگین گلچین، گلستانِ مضامین، باغبان بوستان نوامین، حضرت پیر صاحب پیرثان، رفیع الدین صاحب سرهندي، مجدّدي، نقشبندي دام برکاته، ساکن شکارپور (سنده)

سحر بہ باغ خوشي، مطربِ خجسته شعار،
غنا نمود بہرِ دنگ ونے، دف و سه بار.

چمن چمن شده ابیات گل، شگفته و سبز،
صدای لحن بر آمد ز عندلیب هزار.

هزار فاخته، طوطي و تذرو و آن جا،
چه سروِ گل چه شقائق شدند در گفتار.

بنای جشن نمودند، هر یکے ز سرور،
ز عیش شادي و فرحت، هزار تازه بهار.

دران چمن شده چون، جشن روز نوروزي،
رسید با من از عندلیب این اخبار.

که شد ز 'بلبل' خوش گوی، خوش نوا، خوش خوی،
عجیب نسخه زیبا، به طرزِ خوش اطوار.

ندیده چشمِ چنین نسخه به رمزِ عجیب،
بزیر گنبدِ مینای طارمِ دوّار.

هزار فرحت شادي به دوستان برسید،
رسید در دلِ حاسد ازین هزاران خار.

به گفت سرو به بستان، 'رفیع' مسکین را،
که سال طبع بدان، طوطے پري رخسار.

۱۳۰۸هـ

( ٦ )

ایضاً

آفرین شمس الدین، 'بلبل' را،
با چنین طبع و فکر و فهم نجیب،
باغ رندان بہ گفت هاتف دوش،
سال تالیف، این کتاب عجیب

( ۷ )

تاریخ از کلکِ جواهر سلک، غواص گوهرِ اشعار آبدار معنیٰ پرور مضمون زیبای، جناب سیّد میر میان محمد شاه صاحب حسیني، لکنوي، ساکن عامري (سنده).

چو در اخبار دیدم اشتهاری،
بہ گل جویان برآمد بس بهاری.

ز استعداد اهلِ علمِ اسلام،
بچشمِ غیر زین گل گشت خاری،

بشرطِ شعشهٔ این شمس الدین واه،
شده در 'سنده' روشن روزگاری.

بہ بستانِ بلاغت و هم فصاحت،
چو 'بلبل' کس نہ یابد آبیاری.

ترنّم هم تراهش، قابلِ دید،
نمود از نو نوائین خوش نگاری.

بہ نکتہ نکتہ چینان، نقطہ داد،
بہ برده گوئي سبقت در دیاری.

شگفتہ غنچهٔ دل بے غل و غش،
چنین گفتا بہ گلشن گلعذاری.

کریما نیچرل، «دیوان بلبل»،
بگیرد، انطباع انتشاری.

درو لطف لطائف، خوش ظرافت،
سده موجود، با نقش و نگاری.

مبارک صد مبارک باد تبریک،
بگو بر شاعرانِ خوش شعاری.

ز فرطِ شوق بس، این همین قدر،
نه از بیروُیتی آریر عاری.

چو سال طبع، دیوانش بجستم،
به گوشم مصطفای گفت باری.

شود مرغوب دلها، با سرِ گل،
ز جمز دیوان «بلبل» آشکاری.

( ۸ )

تاریخ از نتیجۂ افکار، عالی سلک بند گوهر آلی، سخنور بیعدیل دلفریب، صد دل، جناب آخوند میان عبدالقادر صاحب، «بیدل» مدرسہ خانگی، شکارپور (سنده)

بنگر کریما نیچرل، دیوان دلستان،
کن نقد جان نثار بدست آر رائگان.

دیوان بے نظیر کریما ست بی مثال،
مثلش نہ دید دیده دوران در جهان.

چون شمسے باد روشن، چون، این مشتهر،
از شمس الدین «بلبل» تصنیف بی گمان.

در داد مژدۂ هاتف دیشب به گوش «بیدل»،
تاریخ طبعِ او را، نامہ، غریب خوان.

( ۹ )

ایضاً

در کراچی، به مدرسه اسلام،
گفتگو جانبین باشد یاد.
این کریمان، به پیش 'بیدل' هم،
بے سر اندیشه، ارمغانی باد.
۱۳۰۸ھ

( ۱۰ )

تاريخ طبعزاد فصاحت و بلاغت، شاعر شيرين مقال نازڪ خيال، جناب مير غلام مرتضيٰ شاه صاحب 'مرتضائي' تتوي.

عجب، ديوان 'بلبل' داستان و،
طراوت ده، گل و گلزار ڪيائين.
ڏسي جهڙو رهيو، سڀ قابلن وٽ،
منجهس الفاظ عمدا، ڏس وڌائين.
اڪيان سڀ قابلن، قابل پسندن،
وڏو دادِ سخن، هن ۾ ڏنائين.
پڙهي جيڪو پچائي، سو ٿئي خوش،
ظرافت جون منجهس رمزون رکيائين.
ٿي ڪوليو 'مرتضائيءَ' سال تاريخ،
اچي پورو ٿيو، جنهن ۾ ڇپيائين.
ڏيکاريو ان کي هاتف، 'عقل اظهر'،
طبع جي دل وٺي، سن ٿي چيائين.
طلب جو سر وٺي، ڪيو سال پورو،
چيو هاتف! ولا، موتي ڪتيائين.
ٿيو مطبوع هر شاه، و گدا کي،
طبع کي 'مرتضائي' خوش رکيائين.

از میان عبدالقادر صاحب "بیدل" شکارپور

ڪتاب، نازڪ، نڪتن پريل نهاري ڏس،
منجهس ظرائف بلبل، ظرافتي جا عجيب.
ڪنهي اهو جو ڪٿن وارو، هوءَ، ڪٿ ڪولو،
آهي ڪٿن سندو، اقبال اهڙو عام نصيب.
اجا ڇپيو به نه آهي، ته سنڌ ۾ سڀڪنهن،
رکيو آ شوق مطالع سندو، بعيد و قريب.
نه آ ڪتاب، ولي، گلستانِ حڪمت آهه،
ڪري سو سير جو علم و فهم رکي تو اديب.
نه قدر ڪانگ ڪميني، نه بوم بدصورت،
ڪني آ طوطي طائوس، ناز وارو نجيب.
ڏسو جو "بيدل" تاريخ طبع تنهنجي چئي،
ڪتاب "بلبل" بيشڪ آ، وه عجيب و غريب.

---

## تمت باالخير

الحمد للهِ، هي ڪتاب ٢۴- جمادی الاول ١٣٠٨هه مطابق ٦- جنوري ١٨٩١ع، خير سان پورو ٿيو.

نڪته چين، ناظرين جي خدمت ۾ التماس آهي، ته سڀڪو پنهنجي راءِ ۽ رياءَ کي ڇڏي، انصاف جي نظر سان هجوَ مليح، يا نو مذهبن جي تنبيهه ۽ رمز ڪناين تي عيب جوئيءَ کان برڪنار ٿي، غور فرمائين ۽ ان منجهان پند ۽ تعجب جي معنيٰ ولن ۽ آسر کي باالعڪس نتهيُ چائن، جو اهي سڀ پاپوش، رومال ۽ ويڙهيل، ڪرين مائهن ۽ زماني جي فندن، روءِ رواج تي لڳل آهن. نه ائين ته ڪي صاحب وري، هن کي سَنَد، يا مثال ۽ حجت تي ڪم آڻين، پر ان کي نيڪ نفرين سمجهي، اهڙين ڳالهين کان احتراز ڪري، دين جي رستي تي محڪم ٿين. پڙهندڙ هن مصنف مسڪين کي دعائي خير سان ياد ڪن.

مصنف

شمس الدين 'بلبل' ميهڙ

نوشته بماند سيه برسفيد   نويسنده را نيست فردا اميد

# اسان جا ڪي ٻيا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۱. | اخلاق محمدي صلعم | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | ۱۰-۰۰ |
| ۲. | قديم سنڌ، ان جا شهر ۽ ماڻهو | مرزا قليچ بيگ | ۲۵-۰۰ |
| ۳. | ايرڪ | ڪ. و. فرار | ۱۰-۰۰ |
| ۴. | جولئن هوم | ڪ. و. فرار | ۱۰-۰۰ |
| ۵. | حاجي بابا اصفهاني | جيمس هورير | ۱۰-۰۰ |
| ۶. | ڪليات حسين ديدڙ | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو | ۱۶-۰۰ |
| ۷. | تحقيق لغات سنڌي | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو | ۳۰-۰۰ |
| ۸. | تاريخ ريگستان - ۲ | رائچند | ۲۰-۰۰ |
| ۹. | تذڪره اميرخاني | سيد حسام الدين راشدي | ۲۰-۰۰ |
| ۱۰. | هو ڏوٿي، هو ڏينهن | سيد حسام الدين راشدي | ۵۰-۰۰ |
| ۱۱. | مير معصوم بکري | سيد حسام الدين راشدي | ۵۰-۰۰ |
| ۱۲. | چچنامه | مخدوم امير احمد | ۳۰-۰۰ |
| ۱۳. | تحفة الڪرام | مخدوم امير احمد | ۳۰-۰۰ |
| ۱۴. | ٿين مصر جا پراڻا ورق | ڪئپٽن اسٽوڪ | ۲۵-۰۰ |
| ۱۵. | آهي ڏينهن، آهي شينهن (جلد ۲) | پير علي محمد راشدي | ۵۰-۰۰ |
| ۱۶. | آهي ڏينهن، آهي شينهن (جلد ۳) | پير علي محمد راشدي | ۵۰-۰۰ |
| ۱۷. | جام جم | شمس الدين بلبل | ۸-۰۰ |
| ۱۸. | مسلمان ۽ تعليم | شمس الدين بلبل | ۸-۰۰ |
| ۱۹. | ڪلام بلبل | شمس الدين بلبل | ۲۰-۰۰ |
| ۲۰. | ڪليات گدا | رشيد احمد لاشاري | ۱۵-۰۰ |
| ۲۱. | نل دمينتي | ڪاليداس | ۱۰-۰۰ |
| ۲۲. | پراڻو پارڪر | منگهارام اوجها | ۶-۰۰ |

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،

سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس، اسٽيشن روڊ، ڄامشورو سنڌ.